# قرآن مجيد

علامه علي خان ابڙو

كتاب نمبر

٨٢

اشاعت جا حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

پنجويھون ڇاپو : رمضان المبارڪ ١٤٣٢ھ
مطابق آگسٽ 2011ع
ڪتاب جو نالو : قرآن مجيد (سولو سنڌي ترجمو)
مترجم: علامہ علي خان ابڙو
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

**"QURAN MAJEED"**
(Sindhi Translation of Holy Quran)
Translated by: Allama Ali Khan Abro
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.org, Email:sindhica_academy@yahoo.com

استاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازہ گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-3431115

ملڻ جا هنڌ

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، سکر- ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهہ لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهہ- عثمانيہ لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گھر مهراڻ چوڪ بدين-جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو-ممتاز نيوز ايجنسي، ريلوي روڊ، دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گھر لکي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گھر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڊڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گھر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهہ- ٿر ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبہ يوسفيہ، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گھر، بدين، جنيد بوڪ اسٽور، دادو، مهراڻ ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گھر، مورو،

لکپڙهہ ۽ وي پيءَ ذريعي گھرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ، ڪراچي 74400

# ڪجھ ھن ترجمي متعلق

قرآن مجيد خلقڻھار جي طرفان انسان لاءِ آخري ۽ ابدي ھدايت آھي، جيڪا انسان کي ھن ڪائنات ۾ پنھنجو منصب سڃاڻي وٺڻ لاءِ عطا ڪئي ويئي. انساني چڱاين جا عملي مظھر ۽ بديءَ جا پڌرا تصور جيڪي آخري ڪتاب قرآن مجيد ۾ ڏنا ويا آھن سي ايڏو تہ فطري نوس ۽ دائمي آھن جو ھر دور ۾ ان جي تعليمات کي وڏ ۾ وڏ ھدايت جو سرچشمو مڃيو ويو آھي.

دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙھجندڙ ڪتاب قرآن ۾ ڪيترن ھنڌن تي ان جي موڪليندڙ جو چوڻ آھي تہ اسان ان کي کولي کولي ۽ چٽائي سان بيان ڪيو آھي. قرآن شريف جا جيڪي پھريان مخاطب ھئا تن سان انھن جي ٻوليءَ ۾ خاطب ٿيو ۽ پوءِ جيئن تہ ان کي عالمگير ھدايت جي حيثيت حاصل ھئي، تنھن ڪري باقي قومن تائين ”بلسان قومه“ يعني سندن قومي ٻولين ۾ پھچائڻ جو ذمو انھن قومن جي عالم پرچارڪن جي مٿان ھو. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ عالمن ڪوڙ سارا سنڌي ترجما مختلف وقتن تي ڪيا پر قرآن فھميءَ جي بامحاوره ترجمي ۽ تفسير جي پھرين ڪوشس ھن صديءَ جي وچ ڌاري جناب علامہ علي خان ابڙي صاحب جن ڪئي.

علامہ علي خان ابڙو جيئن تہ پاڻ ھڪ وڏو عالم ۽ تعليمدان ھو ھن قرآن فھميءَ جي ان منزل کي رسڻ لاءِ مطالعي ۽ پڙھائيءَ تي سالن جا سال صرف ڪيا. قرآن شريف جو ترجمو ۽ سمجھاڻي مڪمل ڪري ان کي پنھنجي ھمعصر عالمن ۽ بزرگن کان نظر مان ڪڍايو. علامہ صاحب جن پنجاھہ واري ڏھاڪي ۾ قرآن جو ترجمو ۽ تفسير المنير جي نالي سان پڌرو ٿيندي ئي ان کي سنڌ جي علمي، ادبي، ديني ۽ فڪري حلقن ۽ عام مسلمانن ۾ بيحد مقبوليت حاصل ٿي. جنھن بہ ھڪ وار ان کي ڏٺو ۽ ان جي ٻن ٽن آيتن جو ترجمو پڙھي ورتو تہ ان کي سمورو قرآن ساڳي سمجھ سان پڙھڻ جي امنگ پيدا ٿي. ماڻھن پاڻ پنھنجي لاءِ قرآن مجيد ورتو پنھنجي نياڻين ۽ گھر وارن لاءِ، پنھنجي دوستن لاءِ ورتو ھڪ ٻئي کي ٻڌايو ۽ آماده ڪيو ۽ پوءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سون جي تعداد ۾ قرآن مجيد موڪلي ڏيڻ جو تقاضائون ٿينديون رھيون. ڪيترن ھنڌن تي دوستن قرآن فھمي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جو گڏيل مطالعو شروع ڪيو ڪٿي مسجدن ۾ نماز کان پوءِ درس ۾ شامل ٿيو ۽ ڪٿي گھرن ۾ ان جي تعليم شروع ٿي. الحمدالله اھو سلسلو ساڳي زور شور سان جاري آھي ۽ سنڌ ۾ قرآن فھميءَ جي ان بھار جي سڳنڌ ھير وري تيزيءَ سان گھُلڻ شروع ٿي آھي جنھن جو تذڪرو ھڪ پيرو محسن انسانيت ﷺ جن پنھنجي صحابين سڻ ۾ ويھي ڪيو ھو تہ ”مون کي ھند ۽ سنڌ مان (علم ۽ عرفان جي) سڳنڌ ھير اچي ٿي.

حقيقت هي آهي تہ اسان جي اڄوڪي سنڌ جو سماج هيئنر شخصي توڙي اجتماعي دربدري، مايوسي، ويڳاڻائپ ۽ نفسا نفسيءَ جي حالت ۾ آهي. خدا پرستي ۽ انسان دوستيءَ جو ديني روح موڪلائيندو پيو وڃي. نتيجي ۾ ڪٿي بہ نظم نظر نٿو اچي. هڪ طبقي ۾ کائڻ پيئڻ، نوڪري مان ڪانچا ڪرڻ، وڏ ماڻهپ جو اظهار ڪرڻ ۽ اولاد لاءِ جائز ناجائز طريقن سان دولت جا ڍير لڳائي ۽ پوءِ مري وڃڻ، اهو زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارج رهيو آهي. ان جي نتيجي ۾ سماج جو ٻيو طبقو سخت نامحرومين ۽ افلاس جو شڪار آهي، نتيجي ۾ انهيءَ بيزاريءَ مان جرم، آپگهات ۽ ٻين بڇڙاين جا واقعا روز جو معمول ٿيندا پيا وڃن. اسان جي موجوده حالتن ۾ قرآن مجيد جو هي ترجمو ۽ تفسير سرمايہ حيات آهي. جنهن کان ڏ بهره ور ٿي اسان پاڻ کي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن کي زندگيءَ کان بيزاريءَ بجاءِ انسيت ۽ ويڳاڻائپ بجاءِ مقصديت جي واٽ تي لڳائي سگهون ٿا ۽ ان جي غير طبقاتي سماجي فڪر جي تعليم سان آڇپي، خوشحالي ۽ ترقيءَ جي منزل تي رسي سگهون ٿا. اهڙي طرح قرآن جي حقيقي روح کان سڌو سنئون آگاهي حاصل ڪري اسان قومي ترقي ۽ دنيا جي ڀلاين (حسنتہ في الدنيا) ۽ آخرت جي ڀلاين (حسنتہ في الاخرت) جو فڪر اسان جي سوچ جو محور بڻجي وڃي تہ پوءِ اسان سيني جا ٻيڙا پار آهن. علامہ علي خان ابڙي جي تفسير المنير مان هي ترجمو الڳ ڪري هڪ ئي جلد ۾ وڏن اکرن ۾ ڇاپيو پيو وڃي جنهن ۾ پروفن جي اصلاح پڻ ڪئي وئي آهي. تفسير سان گڏ اشاعت پنهنجي جاءِ تي قائم رهندي، جيڪا هيئنر پڻ وڏن اکرن ۾ پڌري ٿي رهي آهي.

سنڌيڪا اڪيڊمي قرآن جي علم ۽ ڏاهپ کي سنڌ واسين تائين پهچائڻ لاءِ هڪ جذبي سان هن جي اشاعت ۾ پنهنجا سڀ وسيلا استعمال ڪري انتهائي مختصر هديي سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي رهي آهي تہ جيئن سنڌ جو ڪو بہ ماڻهو پنهنجي مالي ڪمزوريءَ جي ڪري علم، هدايت ۽ بشارت جي هن آفاقي ورثي کان محروم نہ رهي. الله تعاليٰ اسان سيني کي قرآن جي هدايت مان بهره ور ٿيڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

**نور احمد ميمڻ**

چيئرمين، سنڌيڪا اڪيڊمي

# قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست


| نمبر | سورت جو نالو | صفحو | سيپارو |
|---|---|---|---|
| ١ | سوره الفاتحه | ٢٤ | ١ |
| ٢ | سوره البقره | ٢٥ | ١-٢-٣ |
| ٣ | سوره آل عمران | ٧٨ | ٣-٤ |
| ٤ | سوره النساءِ | ١٠٩ | ٤-٥-٦ |
| ٥ | سوره المائده | ١٤١ | ٦-٧ |
| ٦ | سوره الانعام | ١٦٣ | ٧-٨ |
| ٧ | سوره الاعراف | ١٩١ | ٨-٩ |
| ٨ | سوره الانفال | ٢٢٤ | ٩-١٠ |
| ٩ | سوره التوبه | ٢٣٦ | ١٠-١١ |
| ١٠ | سوره يونس | ٢٥٨ | ١١ |
| ١١ | سوره هود | ٢٧٦ | ١١-١٢ |
| ١٢ | سوره يوسف | ٢٩٤ | ١٢-١٣ |
| ١٣ | سوره الرعد | ٣١٢ | ١٣ |
| ١٤ | سوره ابراهيم | ٣٢٠ | ١٣ |
| ١٥ | سوره الحجر | ٣٢٧ | ١٣-١٤ |
| ١٦ | سوره النحل | ٣٣٥ | ١٤ |
| ١٧ | سوره بني اسرائيل | ٣٥٤ | ١٥ |
| ١٨ | سوره ڪهف | ٣٦٨ | ١٥-١٦ |
| ١٩ | سوره مريم | ٣٨٣ | ١٦ |
| ٢٠ | سوره طٰهٰ | ٣٩٣ | ١٦ |
| ٢١ | سوره الانبيآءَ | ٤٠٧ | ١٧ |
| ٢٢ | سوره الحج | ٤١٩ | ١٧ |
| ٢٣ | سوره المؤمنون | ٤٣١ | ١٨ |
| ٢٤ | سوره النور | ٤٤٢ | ١٨ |
| ٢٥ | سوره الفرقان | ٤٥٢ | ١٨-١٩ |
| ٢٦ | سوره الشعرآءَ | ٤٦١ | ١٩ |
| ٢٧ | سوره النمل | ٤٧٩ | ١٩-٢٠ |
| ٢٨ | سوره القصص | ٤٩١ | ٢٠ |
| ٢٩ | سوره العنڪبوت | ٥٠٤ | ٢٠-٢١ |
| ٣٠ | سوره الروم | ٥١٤ | ٢١ |
| ٣١ | سوره لقمان | ٥٢٣ | ٢١ |
| ٣٢ | سوره السجده | ٥٢٩ | ٢١ |
| ٣٣ | سوره الاحزاب | ٥٣٣ | ٢١-٢٢ |
| ٣٤ | سوره سبا | ٥٤٤ | ٢٢ |
| ٣٥ | سوره فاطر | ٥٥٢ | ٢٢ |
| ٣٦ | سوره يٰس | ٥٥٩ | ٢٢-٢٣ |
| ٣٧ | سوره صافآت | ٥٦٦ | ٢٣ |
| ٣٨ | سوره ص | ٥٧٨ | ٢٣ |
| ٣٩ | سوره الزمر | ٥٨٦ | ٢٣-٢٤ |
| ٤٠ | سوره المؤمن | ٥٩٦ | ٢٤ |
| ٤١ | سوره حٰم السجده | ٦٠٨ | ٢٤-٢٥ |
| ٤٢ | سوره الشوريٰ | ٦١٦ | ٢٥ |
| ٤٣ | سوره الزخرف | ٦٢٣ | ٢٥ |
| ٤٤ | سوره الدخان | ٦٣٢ | ٢٥ |
| ٤٥ | سوره الجاثيه | ٦٣٦ | ٢٦ |
| ٤٦ | سوره الاحقاف | ٦٤١ | ٢٦ |
| ٤٧ | سوره محمد | ٦٤٦ | ٢٦ |
| ٤٨ | سوره الفتح | ٦٥١ | ٢٦ |
| ٤٩ | سوره الحجرات | ٦٥٧ | ٢٦ |
| ٥٠ | سوره ق | ٦٦٠ | ٢٦ |
| ٥١ | سوره الذاريات | ٦٦٤ | ٢٦-٢٧ |
| ٥٢ | سوره الطور | ٦٦٩ | ٢٧ |
| ٥٣ | سوره النجم | ٦٧٣ | ٢٧ |
| ٥٤ | سوره القمر | ٦٧٧ | ٢٧ |

| نمبر | سورت جو نالو | صفحو | سيپارو |
|---|---|---|---|
| ٥٥ | سوره الرحمٰن | ٦٨١ | ٢٧ |
| ٥٦ | سوره الواقعه | ٦٨٦ | ٢٧ |
| ٥٧ | سوره الحديد | ٦٩٢ | ٢٧ |
| ٥٨ | سوره المجادله | ٦٩٧ | ٢٨ |
| ٥٩ | سوره الحشر | ٧٠٠ | ٢٨ |
| ٦٠ | سوره الممتحنه | ٧٠٤ | ٢٨ |
| ٦١ | سوره الصف | ٧٠٦ | ٢٨ |
| ٦٢ | سوره الجمعه | ٧٠٨ | ٢٨ |
| ٦٣ | سوره المنافقون | ٧١٠ | ٢٨ |
| ٦٤ | سوره التغابن | ٧١٢ | ٢٨ |
| ٦٥ | سوره الطلاق | ٧١٤ | ٢٨ |
| ٦٦ | سوره التحريم | ٧١٦ | ٢٨ |
| ٦٧ | سوره الملڪ | ٧١٩ | ٢٩ |
| ٦٨ | سوره القلم | ٧٢٢ | ٢٩ |
| ٦٩ | سوره الحآقة | ٧٢٦ | ٢٩ |
| ٧٠ | سوره المعارج | ٧٢٩ | ٢٩ |
| ٧١ | سوره نوح | ٧٣٢ | ٢٩ |
| ٧٢ | سوره الجن | ٧٣٤ | ٢٩ |
| ٧٣ | سوره المزمل | ٧٣٧ | ٢٩ |
| ٧٤ | سوره المدثر | ٧٣٩ | ٢٩ |
| ٧٥ | سوره القيامة | ٧٤٢ | ٢٩ |
| ٧٦ | سوره الدهر | ٧٤٥ | ٢٩ |
| ٧٧ | سوره المرسلات | ٧٤٧ | ٢٩ |
| ٧٨ | سوره النبا | ٧٥١ | ٣٠ |
| ٧٩ | سوره النازعات | ٧٥٣ | ٣٠ |
| ٨٠ | سوره عبس | ٧٥٦ | ٣٠ |
| ٨١ | سوره التڪوير | ٧٥٨ | ٣٠ |
| ٨٢ | سوره الانفطار | ٧٦٠ | ٣٠ |
| ٨٣ | سوره المطففين | ٧٦١ | ٣٠ |
| ٨٤ | سوره الانشقاق | ٧٦٣ | ٣٠ |

| نمبر | سورت جو نالو | صفحو | سيپارو |
|---|---|---|---|
| ٨٥ | سوره البروج | ٧٦٥ | ٣٠ |
| ٨٦ | سوره الطارق | ٧٦٦ | ٣٠ |
| ٨٧ | سوره الاعلىٰ | ٧٦٧ | ٣٠ |
| ٨٨ | سوره الغاشيه | ٧٦٨ | ٣٠ |
| ٨٩ | سوره الفجر | ٧٧٠ | ٣٠ |
| ٩٠ | سوره البلد | ٧٧٢ | ٣٠ |
| ٩١ | سوره الشمس | ٧٧٣ | ٣٠ |
| ٩٢ | سوره الليل | ٧٧٤ | ٣٠ |
| ٩٣ | سوره الضحىٰ | ٧٧٥ | ٣٠ |
| ٩٤ | سوره الانشراح | ٧٧٦ | ٣٠ |
| ٩٥ | سوره التين | ٧٧٧ | ٣٠ |
| ٩٦ | سوره العلق | ٧٧٧ | ٣٠ |
| ٩٧ | سوره القدر | ٧٧٩ | ٣٠ |
| ٩٨ | سوره البينة | ٧٧٩ | ٣٠ |
| ٩٩ | سوره الزلزال | ٧٨٠ | ٣٠ |
| ١٠٠ | سوره العاديات | ٧٨١ | ٣٠ |
| ١٠١ | سوره القارعة | ٧٨١ | ٣٠ |
| ١٠٢ | سوره التڪاثر | ٧٨٢ | ٣٠ |
| ١٠٣ | سوره العصر | ٧٨٣ | ٣٠ |
| ١٠٤ | سوره الهمزه | ٧٨٣ | ٣٠ |
| ١٠٥ | سوره الفيل | ٧٨٤ | ٣٠ |
| ١٠٦ | سوره قريش | ٧٨٤ | ٣٠ |
| ١٠٧ | سوره الماعون | ٧٨٥ | ٣٠ |
| ١٠٨ | سوره الڪوثر | ٧٨٥ | ٣٠ |
| ١٠٩ | سوره الڪافرون | ٧٨٦ | ٣٠ |
| ١١٠ | سوره النصر | ٧٨٦ | ٣٠ |
| ١١١ | سوره اللهب | ٧٨٧ | ٣٠ |
| ١١٢ | سوره الاخلاص | ٧٨٧ | ٣٠ |
| ١١٣ | سوره الفلق | ٧٨٨ | ٣٠ |
| ١١٤ | سوره الناس | ٧٨٨ | ٣٠ |

# ڪجھ علامہ علي خان ابڙي جي متعلق

جناب علي خان ولد عمر خان ابڙو 1888ع ڌاري تعلقي ميهڙ ضلعي دادو (تنهن وقت ضلعي لاڙڪاڻي) جي هڪ ننڍي ڳوٺڙي سانگي تپو منگواڻيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد کيس سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. هو ايڏو تہ ذهين ۽ هوشيار هو جو سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ يعني سنڌ، گجرات، مهاراشٽر، راجستان ۽ پونا ۾ مئٽرڪ ڪان وٺي بي-اي، ايم-اي تائين هندن توڙي مسلمانن ۾ پهريون نمبر آيو. کيس بمبئي ۾ يونيورسٽيءَ جو فيلو مقرر ڪيو ويو. پوءِ تہ مشهور تعليمدان ۽ استاد ٿيو. ٻالجتيءَ کان پنج وقتو نمازي ۽ خداترس بزرگ هو. عربي، فارسي ۽ انگريزي علوم جو ماهر هو. جيتوڻيڪ انگريزي ادب جا شاهڪار ڪتاب هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو پر سندس والهانہ محبت هئي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي سيرت ۽ قرآن حڪيم سان. قرآن حڪيم جو ڪو اهڙو ترجمو يا تفسير نہ هو جيڪو سندس مطالعي ۾ نہ آيو. پاڻ مولانا تاج محمود امروٽيءَ کان گهڻو متاثر هئا ۽ اڪثر وٽن حاضري ڀريندا هئا. پاڻ گهٽ ۾ گهٽ چاليھ سال مستقل لکندا رهيا. انهن مان ڪيترائي ڪتاب قرآن، سيرت ۽ اسلامي اخلاق ۽ معاشري بابت لکيائون جي تمام مقبول ٿيا ۽ اسلامي سوچ جي جديد لهر سڄي سنڌ ۾ گونججي اٿي. جديد معاشيات تي هڪ ڪتاب "اسلام ۽ ڪميونزم" بہ لکيائون. محترم محمد عثمان ڏيپلائي کانئن گهڻو متاثر هو ۽ اڪثر وٽن ايندو هو. مولانا عبدالحق نصرپور وارو ۽ مولانا محمد اسماعيل لغاري، مسڻ وارو، جي وڏا انقلابي سوچ رکندڙ عالم هئا سي بہ وٽس ايندا هئا. باقي مولانا محمد صادق کڏي واري وٽ پنهنجي سر وڃي علم جو فيض حاصل ڪندا هئا.

هي موجوده تفسير هن ويهين صديءَ جي پر آشوب ۽ اٿل پٿل واري دؤر ۾، ترتيب ڏنو يا لکيو ويو. سڄي عمر روزانو قرآن شريف جو يا تفسير جو مطالعو ڪندي کيس محسوس ٿيو تہ کيس عوام الناس لاءِ سليس ترجمو ۽ تفسير لکڻ کپي. سو ڪيترن

عالمن سڳورن سان تبادلهٔ خيالات ڪندي، هيءُ تفسير 1945ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين. جيڪي ڪجهه لکندو رهيو سو عالمن سڳورن کي وقت بوقت ڏيکاريندو ۽ ان متعلق تبادلهٔ خيالات ڪندو رهيو. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ علامہ يوسف عليءَ جا تفسير سندس پسنديده هئا پر سندس دلي ۽ روحاني لاڙو مولانا تاج محمود امروٽي ڏانهن هو. تفسير مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اهو مولانا غلام محمد گرامي ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب به نظر مان ڪڍيو. هي ترجمو ۽ تفسير مڪي معظم جي قاري سعيد احمد صاحب کي به نظر مان ڪڍڻ لاءِ ڏنو ويو هو جنهن لکت ۾ پنهنجي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو.

مونکي بابا جو (علي خان ابڙي صاحب جو) آخري خط ٽيهين جون 1954ع ۾ مليو جنهن ۾ لکيو هئائين ته تفسير مڪمل ٿيڻ کان سندس زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي چڪو هو. پاڻ سورهين جولاءِ 1954ع تي وفات ڪيائون.

چاليهه سالن جي وڏي عرصي ۾ اهو ناقابل تلافي نقصان ٿيو جو آخري ٽي پارا ۽ آخري وعظ ضايع ٿي ويا. الله معاف فرمائيندو. اهي ٽي پارا 1996ع ۽ 1997ع جي پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي ۾ مولانا محمد مدنيءَ جي ڇپيل ترجمي تان ڪنيا ويا هئا جيڪي هينئر پڙهندڙن جي اصرار تي سنڌيڪا جي نور احمد ميمڻ جي ڪوشش سان منڍ وارن ستاويهن سيپارن جي سولي تفهيم وانگر ڪري شامل ڪيا ويا آهن. الله تبارڪ و تعاليٰ جيڪو رئوف، رحيم ۽ ڪريم آهي، شال پنهنجي پياري نبي سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جي صدقي مڙني کي اجر ڏئي، هدايت ڏئي ۽ دنيا توڙي آخرت جون چڱايون نصيب ڪري.

**جمال الدين علي خان ابڙو**

مولانا عبيدالله سنڌي

# قرآن ڪيئن پڙهجي

## قرآن جي تعليم جو صحيح طريقو

هن ڪان پهريائين جو اسين هن ڳالهہ تي غور ويچار ڪيون تہ قوم جو هڪ حصو قرآن جي تعليم ڪي، ڪهڙن غلط طريقن سان استعمال ڪري ان جي فائدن ڪان محروم ٿيو آهي، بهتر ٿيندو تہ اسين هي معلوم ڪري وٺون تہ قرآن جي تعليم مان فائدي حاصل ڪرڻ جو صحيح طريقو ڇا آهي؟ ان ڪان پوءِ فيصلي ڪرڻ ۾ اسان ڪي آساني ٿيندي. توهان ڏٺو هوندو تہ جڏهن ڪو طبيب ڪو نسخو لکندو آهي تہ استعمال جو طريقو بہ ضرور ٻڌائيندو آهي، اهڙيءَ طرح ضروري آهي تہ قرآن جي تعليم جو صحيح طريقو بہ اسان ڪي قرآن ۾ ملڻ گهرجي. قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا (المزمل ـ ۴)

ترجمو: ”قرآن ڪي ڊاري ڊاري پڙهو.“

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (البقره — ۱۲۱)

ترجمو: ”جن ماڻهن ڪي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان ڪي جيئن گهربو آهي ايئن پڙهن ٿا، اهي ئي ان تي ايمان رکن ٿا. جيڪي ماڻهو ان جو انڪار ڪندا، انهن ڪي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.“

فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ (الاعراف ـ ۱۷۶)

ترجمو: ”انهن ڪي قصا ٻڌايو تہ جيئن هو سوچ ويچار ڪن.“

كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (يونس ـ ۲۴)

ترجمو: ”غور ڪندڙن جي لاءِ اسان اهڙيءَ طرح تفصيل سان آيتون بيان ڪندا آهيون.“

وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا (الاسرآءَ ـ ١٢٥)

ترجمو: "قرآن کي اسان ٿورو ٿورو ڪري هن مصلحت ڪارڻ لاٿو تہ جيئن تون آهستي آهستي مهلت سان انهن ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين ۽ انهيءَ مصلحت جي ڪري اسان ان کي هوريان هوريان لاٿو."

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ (الانبياءَ — ١٠)

ترجمو: "انسانو۔ اسان توهان جي طرف هي قرآن, اهڙو ڪتاب لاٿو آهي, جنهن ۾ توهان جو ذڪر آهي, ڇا توهان سمجهو نٿا؟"

وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ (طٰہ ـ ١١٤)

ترجمو: "اي پيغمبر توڏانهن جيڪا وحي ڪئي ٿي وڃي, ان وحي جي پوري ٿيڻ کان پهرياڻين, قرآن کي پڙهڻ ۾ جلدي نہ ڪندو ڪر."

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ (الزمر ـ ٢٧)

ترجمو: "۽ اسان ماڻهن جي سمجهائڻ جي لاءِ, هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال بيان ڪيا آهن تہ جيئن هي ماڻهو نصيحت حاصل ڪن."

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ (القمر — ١٧)

ترجمو: "اسان قرآن ماڻهن جي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان ڪيو آهي, آهي ڪو جيڪو نصيحت حاصل ڪري؟"

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ (النساءِ — ٨٢)

ترجمو: "ڇا انهن اسان جي فرمان قرآن مجيد ۾ غور ناهي ڪيو."

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۛ كَذٰلِكَ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا

(الفرقان- ٣٢)

ترجمو: "ڪافر چون ٿا تہ هن پيغمبر تي قرآن سڄي جو سڄو هڪدم ڇو نہ نازل ٿي ويو اسين چئون ٿا تہ جيئن هوريان هوريان نازل ٿيو آهي, ايئن ئي لهڻ ڪپي ها. اي پيغمبر! ان ۾ مصلحت آهي تہ اهڙيءَ ريت هوريان هوريان قرآن نازل ڪرڻ سان اسان توهان جي دل کي تسڪين (سمجهڻ جي ڪري اطمينان قلب) ڏيندا رهون. ان ڪري ان کي آهستي آهستي نازل ڪيو آهي."

وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا ﴿٧٣﴾ (الفرقان- ٧٣)

ترجمو: ”مؤمن اهي آهن جو جڏهن انهن کي، انهن جي پالڻهار جون آيتون ٻڌائي نصيحت ڪئي وڃي ٿي تہ انڌا ۽ گونگا ٿي ان تي اعتبار نٿا ڪن.“

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٩﴾ (ص- ٢٩)

ترجمو: ”اي پيغمبر! هي قرآن وڏي برڪت وارو ڪتاب آهي، جيڪو اسان توڏانهن نازل ڪيو آهي تہ جيئن ماڻهو ان جي آيتن تي ويچارين ۽ جيڪي عقلمند آهن، اهي ان جي مطلب مان نصيحت حاصل ڪن.“

اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٣﴾ (الزخرف- ٣)

ترجمو: ”اسان هن کي صاف ۽ سليس عربي زبان جو قرآن بنايو آهي تہ جيئن توهان ان کي سولائيءَ سان سمجهي سگهو.“

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾ (الدخان- ٥١)

ترجمو: اسان قرآن کي تنهنجي زبان ۾ سولو بڻايو آهي تہ جيئن نصيحت حاصل ڪن.

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِيْٓ اُوْحِيَ اِلَيْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰي صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٣﴾ وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَسَوْفَ تُسْـَٔلُوْنَ ﴿٤٤﴾ (سورة الزخرف _٤٣،٤٤)

ترجمو: ”اي پيغمبر! جيڪو قرآن توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي، ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو رهہ. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ تون سڌي رستي تي آهين ۽ هي قرآن تو ۽ تنهنجي قوم لاءِ نصيحت آهي. اڳتي هلي توهان سيني کان ان بابت پڇاڻو ٿيندو.“

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰي قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾ (سورة محمد -٢٤)

ترجمو: ”ڇا هي ماڻهو قرآن جي مطلبن کي نٿا سمجهن ۽ سوچين؟ يا انهن جي دلين تي تالا لڳل آهن ڇا؟“

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦﴾ (النساء- ٢٦)

ترجمو: ”الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ جيڪي توهان کان پهريائين گذري چڪا آهن، انهن جي (چڱن) طريقن کي توهان جي لاءِ کولي بيان ڪري ۽ توهان کي انهن جي طريقن تي هلائي ۽ توهان تي مهر جي نظر رکي ۽ الله تعاليٰ عليم ۽ حڪيم آهي.“

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (الاحزاب- ٢١)

ترجمو: ”اي مسلمانو! توهان کي پيروي ڪرڻ لاءِ رسول الله ﷺ جن جو هڪ عمدو نمونو موجود آهي.“

قرآن شريف ۾ جيڪو ان کي پڙهڻ ۽ ان مان فائدي وٺڻ جو طريقو آهي، اهو صاف نموني مٿين آيتن ۾ آيل آهي.

١_ قرآن شريف نهايت سوچ ويچار سان پڙهو ۽ سمجهو ۽ پوريءَ طرح ان ۾ فڪر ڪيو، تدبر ڪيو.

٢_ جيڪو ڪجهه پڙهو ان جي مطابق صحيح عمل ڪيو. ڇاڪاڻ ته توهان جي پيدائش جو مقصد، عمل ڪرڻ آهي.

الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ (الملڪ-٢)

ترجمو: ”خدا جي ذات جنهن موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيو آهي، ان لاءِ ته جيئن توهان کي آزمائي ته توهان مان ڪير سٺا عمل ٿو ڪري.“

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ (النساء-٢٦)

ترجمو: ”الله تعالي چاهي ٿو ته جيڪي توهان کان پهريائين گذري چڪا آهن، انهن جا طريقا کولي کولي توهان جي سامهون بيان ڪري، ۽ توهان کي انهن جي طريقي تي هلائي.“

٣_ قرآن شريف جي تعليم تي عمل ڪرڻ ۾ رسول الله ﷺ جن کي نموني جي طور تي سامهون رکو. ڪنهن به تعليم تي عمل ڪرڻ ۾ سولائي تڏهن ٿيندي، جڏهن ان تي عمل جو مجسم نمونو پيش نظر هجي، ته جيئن مختلف ماڻهو عمل جي مختلف هٽرادو طريقا اختيار نه ڪن ۽ افراط ۽ تفريط (زيادتي ۽ گهٽتائي) کان محفوظ رهن. خود قرآن ۾ قرآن جي تعليم جو طريقو بلڪل صاف نموني ٻڌايو ويو آهي ۽ حضور ﷺ جن ۽ صحابي سڳورا انهيءَ ئي طريقي تي هليا ۽ پوريءَ طرح ڪامياب ٿيا.

٤_ حضور ﷺ جن قرآن مجيد تي بي انتها ويچار فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته صرف هڪ آيت کي وري وري تلاوت فرمائيندا هئا، ايتري تائين جو پوري رات گذري ويندي هئي ۽ صبح ٿي ويندو هو. امام ابن القيم پنهنجي ڪتاب ”زاد المعاد“ جي پهرئين جلد جي صفحي ٩٠ تي لکيو آهي ته:

"وَكَانَ رَسُولُ اللهِ ﷺ يُرَتِّلُ السُّوْرَةَ حَتّٰى تَكُوْنَ اَطْوَلَ مِنْ اَطْوَلَ مِنْهَا وَقَامَ بِاٰيَةٍ حَتّٰى الصَّبَاحِ مِنْ آيَاتِهَا

ترجمو: "رسول الله ﷺ جن سورت کي هوريان هوريان پڙهندا هيا، ايتري حدتائين جو هڪ معمولي سورت وڏي کان وڏي سورت ٿي ويندي هئي ۽ کن موقعن تي صرف هڪ آيت تي بيهي رهندا هئا ۽ ان کي بار بار صبح تائين پڙهندا رهندا هئا."

## قرآن جي تعليم جي باري ۾ اصحابن سڳورن جا خيال ۽ عمل

حضرت ابن مسعود ۽ ابن عباس فرمائن ٿا:

ان الترتيل والتدبر مع قلة القرآن افضل من سرعة القرآن مع كثرتها- بان المقصود من القرآن فهمه وتدبره والتفقه فيه والعمل به، وتلاوته وحفظه وسيلة الى امعانيه كما قال بعض السلف، نزل القرآن ليعمل به، فاتخذوا تلاوته عملاً ولهذا كان اهل القرآن هم العالمون به والعاملون بما فيه- وان لم يحفظون عن ظهرقلب، واما من حفظه ولم يفهمه ولم يعمل به فليس من اهله وان اقام حروفه اقامة السهم واما مجرد التلاوت من غيرفهم ولا تدبرينفعها البروالفاجروالمؤمن والمنافق كما قال النبى ﷺ مثل المنافق الذى يقرء كمثل الريحانة ريحها طيب وطعمها مر-

ترجمو: "آهستي پڙهڻ ۽ غور ويچار سان پڙهڻ، جنهن ۾ قرآن جيتوڻيڪ ٿورو ئي پڙهجي، تڪڙي ۽ گهڻي پڙهڻ کان وڌيڪ بهتر آهي. ڇاڪاڻ ته پڙهڻ مان مقصد سمجهڻ ۽ سوچڻ آهي، ته جيئن ان تي عمل ٿي سگهي. پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ، معنائن ۽ مقصد تائين پهچڻ جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. تڏهن ته ڪن بزرگن به ايئن ئي چيو آهي ته قران شريف عمل ڪرڻ لاءِ نازل ٿيو آهي، پر ماڻهن وري خالي تلاوت کي، مستقل عمل بڻائي ڇڏيو آهي. گذريل طبقن ۾ اهل قرآن انهن کي سمجهيو ويندو هو جيڪي قرآن جا عالم به هيا ته عمل ڪندڙ به هيا، جيتوڻيڪ انهن کي زباني حفظ نه هوندو هيو. پر جنهن قرآن کي ياد ڪيو ان جو مطلب نه سمجهيو ۽ ان تي عمل نه ڪيو ته ان کي اهل قرآن نٿو چئي سگهجي، پلي ڪٽي هن ان جي لفظن کي تير جيان درست ڪيو هجي. خالي قرآن جي تلاوت جيڪا سوچ ويچار کان خالي هجي، اها ته هرڪو ڪري سگهي ٿو. مؤمن، منافق، فاسق، فاجر جيڪو به هجي ان ۾ ڪا به تخصيص ڪانهي. نبي عيله السلام جن جو فرمان آهي ته منافق جو قرآن پڙهڻ ان عطر جي مثال آهي، جنهن جي خوشبوءِ ته سني آهي پر لذت ۾ ڪڙو آهي."

وقال شعبة حدثنا ابوحمزة قال قلت لابن عباس انی رجل سریع القراۃ و ربما قرئت القرآن فی لیلة مرة او مرتین قال ابن عباس لان اقرا سورة واحدة عجب الی من افعل ذالك الذی تفعل فان کنت فاعلاً لابد فاقرا قراۃ تسمع اذنیك ویعیه قلبك۔

ترجمو: ”شعبہ جو چوڻ اهي تہ مون کي ابو حمزي ٻڌايو تہ مون ابن عباس کان پڇيو تہ مان تيز پڙهندو آهيان, ڪڏهن ڪڏهن هڪ رات ۾ هڪ بہ ختم ڪندي ويندو آهيان. ابن عباس چيو تہ مون کي ايئن قرآن پڙهڻ کان هڪ سورة پڙهڻ بهتر ٿي معلوم ٿئي. جيڪڏهن توهان ايئن هرو ڀرو پڙهڻ گهرو ٿا, تڏهن بہ ايئن پڙهو جو توهان جا ڪن ٻڌي سگهن ۽ دل سمجهي سگهي.“

قال ابن مسعود، قفوا عند عجائبه وحرکوا به القلوب ولایکن هم احدکم آخر السورة

ترجمو: ”ابن مسعود فرمايو تہ قرآن جي عجائبات تي (غور فڪر ڪرڻ لاءِ) بيهو ۽ انهيءَ سان دلين ۾ رقت (نرمي) پيدا ڪيو ۽ توهان جي اها ڪوشش نہ هجي تہ جيڪ ڇڪان ڪري سورت جي پڇاڙيءَ تي پهچو.“

وقال عبدالرحمان ابن ابی لیلا دخلت علی امراۃ انا اقرا سورة هود فقالت یا عبدالرحمان اهکذا تقراءَ سورة هود والله انا فیها منذ ستة اشهر وما فرغت من قرائتها۔

ترجمو: ”عبدالرحمان بن ابي ليلا چيو تہ مان هڪ عورت وٽ ويس ۽ سورت هود پڙهندو ٿي ويس. تنهن تي هن چيو تہ اي عبدالرحمان! تون سورة هود ايئن ٿو پڙهين! خدا جو قسم! مان ڇهن مهينن کان سورت هود پڙهندي ٿي اچان, اڃان فارغ نہ ٿي آهيان.“

صحابي سڳورا هڪ پاسي تہ قرآن مجيد تي ايتري قدر سوچيندا ويچاريندا هئا ۽ ٻئي پاسي ان تي پورو پورو عمل بہ ڪندا هيا. قران شريف ايئن پڙهندا هيا جو ڏهہ آيتون پڙهندا هيا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا, وري ڏهہ آيتون پڙهندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا. رڳو پڙهڻ ۽ رٽڻ کي مقصد نہ بڻايو هيائون. تفسير ابن ڪثير جلد پهريون صفحو ۵ ۾ آهي:

قال الاعمش عن ابی وائل عن ابن مسعود قال کان الرجل منا اذا تعلم عشر آیت لم یجاوز هن حتی یعرف معانیهن والعمل بهن قال ابوعبدالرحمٰن السلمی حدثنا الذین کانوا یقرؤننا انهم کانو یستقرؤن من النبی ﷺ وکانوا اذا تعلموا عشر آیات لم یجاوزوا منها حتیٰ یعلموا الما فیها من العمل فتعلمنا القرآن والعمل جمیعا۔

ترجمو: "اعمش، ابي وائل کان نقل ڪيو آهي ۽ ابن مسعود کان روايت ڪئي آهي تہ جڏهن اسان مان ڪو شخص ڏهہ آيتون سکندو هيو تہ ان کان اڳتي ايستائين نہ پڙهندو هو جيستائين، انهن جي معنيٰ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ نہ سکندو هيو. ابو عبدالرحمان سلمي فرمايو تہ اسان سان انهن ماڻهن ڳالهہ ڪئي جن وٽ اسين پڙهندا هياسين، تہ حضور جن کين پڙهائيندا هيا. جڏهن ڏهہ آيتون پڙهندا هيا تہ ان کان اڳتي ايستائين نہ وڌندا هئا، جيستائين ڪو وجي انهن تي عمل ڪن، تنهن ڪري اسان قرآن ۽ عمل ٻئي گڏ سکيا هياسين."

ان سان گڏوگڏ صحابي سگهورا هن تي بہ ويچاريندا هيا تہ قرآن جي تعليم کان پهريائين انهن جي ڪهڙي حالت هئي ۽ هن تعليم جي اثر سان، انهن جي حالت ڪيڏي اتم ٿي آهي؟ پنهنجي حالتن جي تڪ تور ڪندا هيا ۽ قرآن جي تعليم سان جيڪي انهن تي اثر ٿيا هيا ان جو پورو اندازو ڪندا هيا. سيرة ابن هشام جلد اول ص ١١٦ ۾ لکيل آهي تہ جڏهن حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ حضرت جعفر بن ابي طالب کي دربار ۾ گهرايو ۽ ان کان اسلامي تعليمات جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪيائين ۽ چيائين تہ توهان پنهنجي مذهب کي ڇڏي اسلام ڇو قبول ڪيو آهي؟ تہ ان ڪيس چيو:

ترجمو: "بادشاهہ سلامت! اسين جاهل هياسين، بتن جي پوڄا ڪندا هياسين، ڍونڍ (مردار) کائيندا هياسين ۽ بي حيائيءَ جا ڪم ڪندا هياسين، رشتيداريون ٽوڙيندا هياسين، پاڙيسرين سان برايون ڪندا هياسين ۽ اسان مان ڏاڍو هيڻي کي پيو کائيندو هيو. اسان جي اها حالت هئي، تان جو الله تعاليٰ اسان ڏانهن رسول موڪليو جنهن جي ڪٽنب، قبيلي، امانت ۽ شرافت کان اسين خوب ڄاڻو هياسين. ان اسان کي هيڪڙائيءَ جو سڏ ڏنو تہ جيئن اسين هڪڙي الله جي عبادت ڪيون ۽ جن بتن ۽ پٿرن جي اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هيا، انهن کي ڇڏي ڏيون. ان اسان کي سچ ڳالهائڻ، امانتداري ڪرڻ، رشتي ڳنڍڻ، پاڙي وارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ محرمات ۽ خون ريزيءَ کان بچڻ جو حڪم ڪيو ۽ ڪوڙين ڳالهين ڪرڻ ۽ يتيمن جي مال کائڻ ۽ پاڪ دامن عورتن تي تهمت هڻڻ کان روڪيو ۽ هي حڪم ڏنائين تہ هڪ خدا جي بندگي ڪيو. ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ٺاهيو ۽ اسان کي نماز، زڪوات، روزي جو حڪم ڏنو." حضرت جعفر بن ابي طالب سڀ اسلامي ڳالهيون هڪ هڪ ڪري نجاشيءَ کي ٻڌايون ۽ ان کان پوءِ چيائين تہ "اسان ان نبيءَ جي تصديق ڪئي ۽ ان تي ايمان

آندوسين ۽ ان جيڪو ڪجهہ خدا وٽان آندو ان سموري کي مڃيوسين، ان ڪري اسين صرف هڪ خدا جي اطاعت ڪيون ٿا ۽ ڪنهن کي بہ ان جو ثاني (شريڪ) نٿا بڻايون. جيڪا شيءِ ان حرام ڪئي آهي، ان کي حرام سمجهون ٿا. جنهن تي اسان جي قوم اسان جي دشمن ٿي پئي آهي ۽ اسان کي ڏکوبو اٿائون ۽ دين ڪارڻ تڪليفون ڏنيون اٿائون تہ اسين خدا جي بندگي ۽ اطاعت ڇڏي بتن جي عبادت ڪرڻ واري پوئين قدم ڏي موٽون." اهو هو قرآن جي هدايت جو اثر.

قرآن سکڻ جو طريقو خود قرآن شريف ۽ حضور جن ۽ اصحاب سڳورن جي عمل مان واضح ۽ پڌرو آهي. اڳتي توهان پاڻ فيصلو ڪيو تہ اسين اهو تعليم جو طريقو استعمال ڪري ڪيترو فائدو ٿا وٺون؟ پوءِ جيڪڏهن نتيجا اهي پيدا نہ ٿا ٿين تہ ان ۾ ڪهڙي تعجب جي ڳالهہ آهي! جيڪڏهن توهان اهي نتيجا گهرو ٿا تہ انهيءَ طريقي مطابق قرآن مان فائدو وٺو اسان جي ڪاميابي ان تي منحصر آهي. سچ چيو آهي امام مالڪ تہ "لایصلح آخر هذه الامة الا بما صلح اولها" هن امت جي آخري حصي جي اصلاح فقط ان شيءِ سان ٿيندي، جنهن سان هن جي پهرئين حصي جي اصلاح ٿي هئي. هاڻي اسان کي هن ڳالهہ تي سوچڻو آهي تہ ان تعليم جي صحيح طريقي کي ڇڏڻ سان، قرآن جي اصلي تعليم ۾ ڪهڙا نقص پيدا ٿيا آهن تہ جيئن ان جي تلافيءَ لاءِ خاص ڪوششون وٺجن. ان سان هي بہ پڌرو ٿيندو تہ تعليم جي غلط طريقي جي ڪري ئي اسين قران جي صحيح مطلبن کان ڪيترو پري ٿي ويا آهيون.

قوم جو هڪ حصو تہ قرآن کي پڙهي ئي ڪونہ. اهو هن تعليم کان پري آهي، تنهن ڪري ان طبقي جي باري ۾ ڪنهن بحث جي ضرورت ناهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ٻيو طبقو جيڪو پاڻ کي قرآن ڏانهن متوجہ ٿو سمجهي، اهو بہ قرآن مان صحيح طريقي سان فائدو نہ وٺڻ جي ڪري، ان جي صحيح مطلبن سمجهڻ کان پري ٿي چڪو آهي ۽ ويتر پري ٿيندو ٿو وڃي. ان طبقي مان بہ هڪڙا تہ قرآن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿا ڪن، بلڪ لفظن دهرائڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهندا آهن. (اڄڪلهہ تہ عالم سڳورا بہ دئور ڪرڻ کي ڪافي سمجهندا آهن) اسان جي گهڻن مڪتبن ۾ اهوئي رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان طبقي جو ٻيو حصو جيتوڻيڪ قرآن جي مطلب سمجهڻ ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو پر افسوس آهي جو اهو بہ ان جي مقدمن ۾ ئي الجهي رهجي ويو آهي ۽ قرآن شريف تي غور فڪر ڪرڻ ڏانهن نہ تہ ڌيان ٿو ڏئي ۽ نہ ڪو ان کي ان جو وقت ٿو ملي.

امام ولي الله دهلوي صاحب جيڪو علماءِ هند جو امام آهي پنهنجي اهم ڪتاب "تفهيمات الاهيہ" ۾ ان طبقي ڏانهن اشارو فرمايو آهي.

## قران جي تعليم جي غلط طريقن جا نتيجا ۽ شاهہ ولي الله صاحب جي راءِ

اقول لطلبة العلم ايها السفهاءَ والمسمون انفسكم بالعلماءَ اشتغلتم بالعلوم اليونانيين وبالصرف والنحو وظننتم ان هذا هو العلم۔

ترجمو: "مان طالب علمن کي چوان ٿو تہ اي بيوقوفو! پنهنجو پاڻ کي عالم ٿا سڏايو توهان يونانين جي علم ۾ مشغول ٿي ويا آهيو صرف ۽ نحو ۾ ڦاسي ويا آهيو ۽ توهان سمجهيو تہ اهو حقيقي علم آهي."

ان کان پوءِ هڪ هنڌ فرمائن ٿا تہ قرآن مجيد کي سکڻ لاءِ جن شروعاتي ڳالهين جي ضرورت آهي انهن کي ضرورت آهر سکڻ کپي، انهن کي مستقل درجو نہ ڏنو وڃي. "ان لا تشتغلوا بالعلوم الالية الابانها آلة لابانها امور مستقلة" (انهن علمن کي آلو ۽ اوزار سمجهي حاصل ڪيو مستقل علم سمجهي حاصل نہ ڪيو.) هن طبقي جا ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجو سڄو وقت نحو منطق، ڪلام، معاني ۽ بديع جهڙن فنن جي پوري ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن، ان ڪري اصل قرآن ڏانهن هنن کي اک کڻي نهارڻ جو موقعو بہ نہ ملندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ٿورو وقت قرآن شريف کي ڏيندا بہ آهن تہ اهو بہ مفسرن جي مختلف خيالن معلوم ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن، اها صورتحال اسان جي گهڻن عربي مدرسن ۾ ڏٺي ويندي آهي.

انتهائي افسوس جهڙي ڳالهہ آهي، جو اڄڪلهہ خالص قران جي تعليم ڪٿي بہ نہ ٿي ڏني وڃي. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا يا چون ٿا تہ قرآن جي تعليم ٿي رهي آهي، اهي غلط آهن. حقيقت ايئن ناهي، حقيقت ۾ اها قرآن جي تعليم نہ پر تفسير جي تعليم هوندي آهي. اصل ۾ قرآن جي تعليم ۽ تفسير جي تعليم ڌار ڌار شيون آهن. هڪ ناهن. قرآن خود هڪ مستقل ڪتاب آهي ۽ صاف ۽ سليس عربيءَ ۾ آهي. الله تعاليٰ قرآن ۾ قرآن جي باري ۾ فرمائي ٿو:

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾ (الدخان-٥٨)

ترجمو: اسان هن کي تنهنجي ٻوليءَ ۾ سولو ڪيو آهي تہ جيئن هو نصيحت حاصل ڪن.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ (القمر-٤٠)

ترجمو: ”اسان قرآن کي ماڻهن جي سمجهڻ لاءِ سولو ڪيو آهي، ڇا آهي ڪو پرائڻ وارو؟“

قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ (الزمر-٢٨)

ترجمو: ”هي قرآن سليس عربي زبان ۾ آهي، ان ۾ ڪوبہ مونجهارو ڪونهي تہ جيئن هو عدل جو رستو اختيار ڪري سگهن.“

## قرآن ۽ تفسير جي باري ۾ شاھ اسماعيل شهيد جا ويچار

جيڪي ماڻهو عربي ڄاڻن ٿا، اهي قرآن سمجهي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن گڏوگڏ حضور جن جو عملي نمونو سامهون رکن، جنهن جو خود قرآن ۾ حڪم آهي، جيڪو صحيح حديث ۾ محفوظ آهي، تہ انهن کي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت نہ پوندي ۽ اهي تمام سولي ۽ صحيح نموني سان قرآن کي سمجهي سگهن ٿا ۽ ان جي مطابق عمل ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو عربي نٿا ڄاڻن انهن لاءِ بهترين ترجما موجود آهن، اهي انهن جي ذريعي سمجهي سگهن ٿا. پر ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي جو ماڻهو سمجهڻ لڳا آهن تہ اسين قرآن کي سمجهي نہ ٿا سگهون، ان جي سمجهڻ لاءِ تمام گهڻن علمن ۽ فنن سکڻ جي ضرورت آهي، وڏي عالم ٿيڻ جي ضرورت آهي. تنهن تي شاھ اسماعيل شهيد پنهنجي ڪتاب تقويت الايمان صفحو نمبر ٣٠ ۾ انهيءَ خيال ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

”هي جو هن زماني ۾ ماڻهو دين جي معاملي ۾ ڏار ڏار رستن تي هلن ٿا، ڪي اڳيون رسمون قبول ڪن ٿا، تہ ڪي بزرگن جي قصن ڏي ٿا ڏسن. ڪي مولوين جي ڳالهين کي سند ٿا مڃين، جيڪي انهن پنهنجي ذهن جي تيزيءَ سان ناهيا آهن ۽ ماڻهن ۾ هي مشهور آهي تہ الله ۽ ان جي رسول جي ڳالهہ سمجهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، ان لاءِ وڏو علم گهرجي، اسان کي ڪٿي آهي اهڙي طاقت جو الله جو ڪلام سمجهون؟ ۽ انهيءَ رستي تي هلڻ وڏن بزرگن جو ڪم آهي، اسان ڪٿي آهيون اهڙا جو ان مطابق عمل ڪري سگهون؟ اسان جي لاءِ اسان جي هيءَ حالت ئي بهتر آهي. سو اهي سڀ ڳالهيون بلڪل غلط آهن، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ ”قرآن ۾ تمام صاف ۽ سوليون ڳالهيون آهن، انهن کي سمجهڻ ڏکيو ناهي.“ ۽ الله ۽ ان جي رسول جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪو وڏو علم نہ گهرجي، ڇو تہ رسول تہ اڻ ڄاڻن کي رستو ڏيکارڻ، اڻپڙهيلن

كي سمجهائڻ ۽ بي علمن كي علم سيكارڻ آيا هئا. الله تعاليٰ سورت جمعہ ۾ فرمايو: (الجمعہ ـ٢) ترجمو: ”خدا اهو تہ آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن منجهان هڪڙو رسول موڪليو اهو انهن كي الله جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو انهن جي ذهنن كي سڌاري ٿو انهن كي ڪتاب ۽ حڪمت سمجهائي ٿو نہ تہ هو پڌري گمراهيءَ ۾ هيا.“

سو جيڪڏهن ڪو هيئن چوڻ لڳي تہ پيغمبر جي ڳالهہ عالم كان سواءِ ٻيو ڪونہ ٿو سمجهي سگهي ۽ انهن جي رستي تي بزرگن كان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو هلي سگهي تہ ان هن آيت جو انڪار ڪيو. ان جو مثال ايئن آهي جيئن ڪو وڏو حڪيم هجي ۽ هڪڙو سخت بيمار هجي ۽ ڪو شخص ان بيمار كي چئي تہ فلاڻي حڪيم ڏي وڃ ۽ ان كان علاج ڪراءِ ۽ بيمار چوي تہ اهو تہ وڏن وڏن صحتمند ماڻهن جو ڪم آهي، مون كان اهو ڪيئن ٿي سگهندو، مان تہ سخت بيمار آهيان! تہ ان بيمار كي بيوقوف چئبو ۽ اهو جڻ حڪيم جي حڪمت جو انڪار ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ حڪيم تہ بيمارين جي علاج لاءِ هوندو آهي ۽ جيڪو چڱن ڀلن جو علاج ڪري ۽ انهن كي ان جو علاج فائدو ڏئي ۽ بيمارن كي فائدو نہ ٿئي تہ ان كي حڪيم ڇا جو چئبو؟

افسوس آهي جو اسين سمجهون ٿا تہ قرآن تہ اسين ڪونہ سمجهي سگهنداسين، باقي مختلف ماڻهن جيڪي پنهنجي پنهنجي خيال سان قرآن جا تفسير ڪيا آهن، اهي اسين سمجهي سگهون ٿا! ۽ افسوس آهي جو انهن تفسيرن كي سمجهڻ جي ڪوشش كي، هنن قرآن جي تعليم سمجهي ورتو آهي، جيڪڏهن اهي شرح ۽ تفسير اهڙا هجن ها جو رڳو قرآن شريف جو صحيح مطلب ادا ڪن ها، تڏهن بہ ان ۾ ڪو نقصان ڪونہ هو پر غضب تہ هي آهي، جو مختلف ماڻهن مختلف زمانن جي ماحول كان متاثر ٿي جيڪي قسمن قسمن جون ڳالهيون پنهنجي شرحن ۽ تفسيرن ۾ شامل ڪيون آهن، انهن ۾ ۽ قرآن ۾ ڪابہ نسبت ڪانهي، ماڻهن انهن ڳالهين كي قرآن جي تعليم سمجهي ورتو آهي ۽ حقيقت ۾ اهي قرآن جي تعليم سان ڪوبہ واسطو نہ ٿيون رکن.“

## قرآن جي صحيح انداز واري تعليم كان محروم ٿيڻ جا نتيجا

هي پڌرو ٿي ويو هوندو تہ قرآن جي اصل متن تي غور ويچار ڪرڻ ٻي شيءِ آهي. پر قرآن جي اصل كي ڇڏي ڏيڻ ۽ ان كي صحيح طريقي سان نہ پڙهڻ جي سببان اسين قرآن جي صحيح تعليم كان محروم ٿي ويا آهيون ۽ جيڪو ڪجهہ اسان جي سامهون آهي اهو ان جو ئي نتيجو آهي. قرآن سکڻ جا جيڪي طريقا، خود قران ۾ لکيل آهن، انهن كي ڇڏي

ڏيڻ ڪري اسين اعليٰ درجي جي تعليم کان محروم ٿي ويا آهيون. قرآن جي تعليم عمدا نتيجا ڇو نہ ٿي پيدا ڪري، اهو هيٺين مثالن سان واضح ٿي ويندو. جڏهن کان اسين قرآن کان پري ٿيا آهيون، تڏهن کان برابر اسين زوال طرف پيا وڃون. اصول اهو آهي تہ جهڙي قوم هوندي آهي اهڙا ان جا اخلاق هوندا آهن. جيڪڏهن قوم زنده هوندي آهي تہ ان جي فردن ۾ جرئت، همت، ثابت قدمي، ترقيءَ جي آرزو، قرباني ۽ ٻيا اهڙي قسم جا عمدا اخلاق هوندا آهن. ۽ جيڪڏهن قوم مرده هوندي آهي تہ ان جا فرد بي همت، سست، ڍڄڻا، هٺ تي هٺ رکي ويهي رهڻ وارا هوندا آهن. پوئتي پيل قومن تي قومي زوال جو اهڙو برو اثر پوندو آهي، جو انهن وٽ اعليٰ ۽ اتم لفظن جو مفهوم بہ بگڙي خراب ٿي ويندو آهي.

## قرآن جي تعليم کي ڪمزور ڪرڻ جي منظم سازش

هن موقعي تي مان ضروري ٿو سمجهان تہ قرآن مجيد جي تعليم کي ڪمزور ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، انهن جي باري ۾ امام عبده مصري جا ويچار نقل ڪجن. علامہ موصوف پنهنجي ڪتاب "اسلام ونصرانيت" ۾ صفحي 113 تي مسلمانن جي اندر موجود ماٺار ۽ ان جي ڪارڻن جي باري ۾ هيٺئن بحث ڪيو آهي:

"ان کان پوءِ هڪ خليفي سياسي غلطي ڪئي ۽ اسلامي احڪامن جي وسعت جي ڪري ڪيس ان ڳالهہ جو موقعو ملي ويو. جنهن کي هو پنهنجي خيال ۾ پاڻ لاءِ چڱو سمجهندو هو. ان جي سوچ هئي تہ ڪٽي عربي لشڪر علوي خليفي جو مددگار نہ ٿي پوي، ڇاڪاڻ تہ علوين جو نبيءَ جي گهراڻي سان ويجهو تعلق هيو. تنهن ڪري هن ترڪ ۽ ويلم وغيره جهڙن ڏارين ماڻهن جي فوج ناهي. انهيءَ فوج جي باري ۾ سندس خيال هيو تہ انهن کي پنهنجي ڏاڍائيءَ سان فرمانبردار ۽ پنهنجي چڱاين ۽ احسانن سان مطيع ڪري سگهجي ٿو. اهي سلطنت جي باغين جي مدد نہ ڪندا ۽ بادشاهت جي طلبگارن جا ٻانهن ٻيلي نہ ٿيندا ۽ اسلام جي حڪمت جي ڪشادگيءَ ۽ سهولت انهيءَ ڳالهہ جو ان کي جواز مهيا ڪري ڏنو ۽ اسلام ڦري عجمي ٿي پيو.

هڪ عباسي خليفي ارادو ڪيو تہ هو پنهنجي ۽ پنهنجي پڳدارن جي لاءِ پلو ڪري وجي ۽ ايئن هن پنهنجي قوم ۽ مذهب جي لاءِ برو ڪيو. ڌارين جي فوج ۾ واڌارو ڪيائين ۽ لشڪر جا مک ماڻهو عجمي مقرر ٿيا، صبح کان اڃان شام بہ ڪا نہ ٿي هئي جو اهي جو اهي لشڪر جا مک سردار خليفن تي قابض ٿي ويا ۽ سلطنت خليفن جي هٿن مان نڪري عجمين جي قبضي ۾ اچي وئي. انهن کي اهو عقل نہ هيو جيڪو اسلام وٽان ملندو هيو ۽ نہ ڪو اها دل هين جيڪا مذهب سان مهذب ٿيل هجي، اهي ماڻهو جهالت ۽ اونداهيءَ ۾ ٻڌل هيا. اسلام ۾

داخل ٿيا پر اسلام کي ڪپڙن وانگي پنهنجي جسم تي ويڙهي ڇڏيائون. ان جو ڪو به اثر انهن جي وجدان تائين نه پهتو هيو. انهن مان گهڻا ماڻهو پنهنجي معبودن ۽ بتن کي پاڻ سان گڏ کڻي آيا هيا. انهن جي اڪيلائيءَ ۾ پوڄا ڪندا هيا، ۽ ظاهر ۾ پنهنجو اقتدار وڌائڻ جي نيت سان باجماعت نمازون پڙهندا هيا. ان کان پوءِ تاتارين اسلام تي حملو ڪيو ۽ ڪن قبضو به ڪيو پر اهي سڀ حملا علم جي مٿان سخت ترين حملي جي مقابلي ۾ هيچ هيا، علم جيڪو ماڻهن کي سندن خوديءَ جي سڃاڻ ڪرائيندو آهي، انهن جي اٿڻ ويهڻ جي ڪوتاهين کي ظاهر ڪندو آهي.

انهن علم ۽ ان جي دولت اسلام تي حملو ڪيو. پنهنجي مددگارن جي جماعت تيار ڪيائون ته اهي عالمن جي جتي ۾ شامل ٿي وڃن ۽ علم جو لباس پهري عالمن ۾ شمار ٿيڻ لڳن. ان کان پوءِ ماڻهن ۾ اهڙين ڳالهين کي هوا ڏنائون جن جي ڪري انهن کي علم کان نفرت ٿئي، ۽ علم جي گهٽگهرن کان انهن جي طبيعت ۾ ڪرب پيدا ٿئي. تقويٰ، پرهيزگاريءَ ۽ مذهبي اڳواڻيءَ جا دعويدار ٿي اهي ماڻهو غافل عوام ۾ وڃي پهتا ۽ دعويٰ ڪيائون ته مذهب ناقص هيو. اسين ان کي مڪمل ڪرڻ ٿا چاهيون. يا اهو مريض هيو. اسين ان جو علاج ٿا ڪيون يا ٻڌي پوڻ وارو هيو اسين ان کي ڪلهو ڏيڻ آيا آهيون. يا جهڪي پيو هيو اسين انهيءَ کي سڌو ڪرڻ آيا آهيون.

انهن پنهنجي بت پرستيءَ جي زماني جي رسمن کي ڏنو. گڏوگڏ آسپاس جي ٻين قومن کي به ڏنو ۽ اسلام جي لاءِ اهڙيون شيون اڌاري طور ورتيون جن کان هو بلڪل پاسيرو هيو. پر علم ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ ۾ انهن ايئن ڪاميابي حاصل ڪئي جو چيائون ته هي اسلامي شمارن جي تعظيم آهي ۽ انهن جي حڪمن جي وڌائي آهي.

انهن اسان جي لاءِ اهي سڀ ميلا ۽ محفلون ايجاد ڪيون. ولين ۽ بزرگن جون عبادتون اسان لاءِ مقرر ڪيائون. جنهن سان مسلمانن ۾ ڌڙابندي ٿي ۽ ماڻهو گمراهه ٿيا. انهن چيو ته پوين کي اڳين بزرگن جي ڳالهين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به سوچڻ نه گهرجي. ۽ ان ڳالهه کي عقيدي ۾ شامل ڪري ڇڏيو ته جيئن سوچون رڪجي وڃن. عقل منجمد ٿي وڃي. ان کان پوءِ انهن پنهنجي ساٿين کي اسلامي ملڪن جي ڪنڊ ڪڙڇ ڏانهن روانو ڪيو ته هو اهڙن قصن ۽ خبرن ۽ اهڙين روايتن جي اشاعت ڪن جنهن سان عوام ۾ هي ويساهه پيدا ٿئي ته انهن کي پبلڪ ڪاز جي باري ۾ سوچڻ جو ڪو به حق ڪونهي.

جيڪي ڪم قوم ۽ سلطنت سان تعلق رکن ٿا انهن تي سوچڻ حڪمرانن جو ڪم آهي، ٻين ماڻهن کي انهن معاملن ۾ مداخلت جو ڪو به حق ناهي. جيڪو شخص انهن معاملن ۾ دخل ڏيندو اهو واهيات يا سرڪش آهي. مسلمانن جي عملن ۾ جيڪو فساد آهي ۽ انهن جون جيڪي درهم برهم حالتون آهن اهي حڪمرانن جي ڪمن جو نتيجو ناهن.

بلڪ اهو انهن خبرن جو نتيجو آهي، جيڪي آخري زماني جي باري ۾ حديثن ۾ آيون آهن ته ڪنهن تدبير سان حال ۽ مستقبل جو سڌارو نه ٿو ٿي سگهي. چڱو اهو آهي ته انهن ڳالهين کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏجي، مسلمانن تي صرف اهو فرض آهي ته رڳو پنهنجي انفرادي ذاتي حالت لاءِ سوچن. حديثن جي ڪجھ ظاهر مطلبن ۽ ضعيف ۽ موضوع روايتن مان انهن کي تمام گهڻو مواد مليو. جن جي ذريعي انهن وهمن ڦهلائڻ ۾ انهن کي وڏي هٿي ملي، انهن گمراهه ڪندڙن جو هڪ وڏو لشڪر مسلمانن ۾ڦهلجي ويو. رهزن حڪمرانن ۽ والين هر پاسي کان انهن جي مدد ڪئي. ماڻهن جي هٿن کي ڪاروبار کان روڪڻ ۽ انهن جي ارادن کي پست ڪرڻ لاءِ انهن ۾ تقدير جو عقيدو ايجاد ڪيو ويو. انهن خرافات کي قبول ڪرڻ تي جنهن شيءِ ماڻهن کي آمادو ڪيو اها هئي انهن جي سادگي. مذهبي معاملن جي اندر سوچ سمجهه جي کوٽ، خواهشن جي پوئلڳي ۽ اڻ ڄاڻائي، اهي اهڙيون شيون آهن جو جيڪڏهن گڏ تي ٿيون پون ته انتهائي خطرناڪ ۽ هلاڪت انگيز ٿي پونديون آهن. نيٺ ايئن حق باطل جي اوندهه ۾ ڍڪجي ويو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اهڙا عقيدا جاءِ وٺڻ لڳا جيڪي هر طرح سان ديني اصولن جي ابتڙ ۽ صراط مستقيم جو ضد هيا. مسلمانن جون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ واريون اميدون غارت ٿي ويون، انهن کي مايوس ڪري حيوانن جي درجي تائين پهچايو ويو. هن وقت جنهن شيءِ جو نالو اسلام رکيو ٿو وڃي اهو اسلامي عملن نماز، روزي ۽ حج جي ظاهري صورتن جي مجموعي کان مٿي ڪجهه به ناهي.

ٿورڙيون چوڻيون آهن جن جي معنائن ۾ مٿا سٽا ڪئي وئي آهي ۽ انهن جو نتيجو اهي بدعتون ۽ بيجڙيون رسمون آهن، جن مسلمانن ۾ هن ماٺار جي نوبت پيدا ڪئي آهي، جنهن کي مون بيان ڪيو آهي، ان کي هنن اسلام سمجهيو آهي. مسلمانن تي هن وقت اسلام جي نالي سان جيڪو عيب لڳايو ٿو وڃي، ان جو اسلام سان ڪو به تعلق ڪونهي. اهو ٻيو ڪجهه آهي جنهن جو هنن اسلام نالو رکيو آهي. قرآن جنهن جو هي شان آهي ته باطل نه ان جي اڳيان ٻيهي سگهندو آهي نه ان جي پويان اچي سگهندو آهي، اهو حڪمت وارو ۽ واکاڻ جي لائق آهي، خدا جي طرفان لاٿل آهي، اهو هن ڳالهه جو شاهد آهي ته اهي ڪوڙا آهن، هن (قرآن) کان غافل آهن ۽ ان جي احڪامن کان گهڻو پوئتي پيل آهي.

**مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي هڪ تقرير تان ورتل-**
**اختصار سان**

# قرآن مجيد
# محاوري سان
# سولو سنڌي ترجمو

# الحمد لله

**سورت الفاتحہ - مڪي (٧) آيتون**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

**شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.**

**رڪوع ١**

**سيني جهانن جو پالڻهار الله آهي. ٻانهپ بہ ان جي آهي ۽ مدد بہ ان کان گهرو**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۱﴾

(١) خاص ساراهہ الله جي لاءِ آهي (يعني) سهڻين ۽ چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي) جو سيني جهانن جو پالڻهار آهي.

الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۙ﴿۲﴾

(٢) ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ؕ﴿۳﴾

(٣) انهي ڏينهن جو مالڪ آهي، جنهن ڏينهن ماڻهن ڪي سندن ڪمن جو بدلو ملندو.

اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ؕ﴿۴﴾

(٤) (اي خدا) اسان فقط تنهنجي ٻانهپ ڪريون ٿا ۽ فقط تو کان مدد گهرون ٿا.

اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ﴿۵﴾

(٤) (اي خدا) اسان کي (سعادت) جي سڌي واٽ ڏيکار.

صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬﴿٦﴾

(٦) انهن ماڻهن جي واٽ (ڏيکار) جن تي تو نعمتون ڪيون.

غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿٧﴾ ع

(٧) انهن جي واٽ جن تي غضب پيو، ۽ نہ انهن جي راهہ جي گمراهہ ٿيا ۽ واٽ ڀلجي ويا.

## سورت البقرة (ڳئون) ـ مدني (٢٨٦) آيتون

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع ١

**متقين ۽ ڪافرن جو بيان. متقي غيب جي حقيقت تي ايمان رکن ٿا.**

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾

(١) الف لام ميم

ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۙ ﴿٢﴾

(٢) هيءُ (خدائي) ڪتاب آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونهي. خدا کان ڊڄندڙن پرهيزگارن لاءِ (سعادت جي) راه ڪولي ڏيکاريندڙ آهي.

الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ۙ ﴿٣﴾

(٣) جيڪي غيب (جي حقيقتن) تي ايمان رکن ٿا ۽ نماز تي محڪم رهن ٿا. ۽ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي ان کي (نيڪي جي راهہ ۾) خرچ ڪن ٿا.

وَالَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَآ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَبِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ؕ ﴿٤﴾

(٤) ۽ جيڪي توتي نازل ٿيل وحي تي ايمان آڻين ٿا ۽ پڻ انهن تي جي توکان اڳي (ٻين رسولن تي) نازل ٿيا ۽ ان سان گڏ آخرت جي زندگي جو بہ دل ۾ يقين رکن ٿا.

أُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿٥﴾

(٥) يقيناً اهي ئي ماڻهو پنهنجي پالڻهار جي (ڏيکاريل) رستي تي (هلندڙ) آهن، ۽ اهي ئي (دنيا ۽ آخرت جي) ڪاميابي ۽ نعمتون ماڻيندا.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ ءَاَنۡذَرۡتَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تُنۡذِرۡهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٦﴾

(٦) پر اهي ماڻهو جي (ڄاڻي ٻجهي بغض يا خود غرضي سببان حقيقتن کان) انڪار ڪن ٿا ته پوءِ تون انهن کي (حق کان انڪار ڪرڻ جي برن نتيجن کان) ڊيڄارين ۽ خبردار ڪرين يا نه ڪرين، هو هرگز ڪين مڃيندا.

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَعَلٰى سَمۡعِهِمۡ ؕ وَ عَلٰٓى اَبۡصَارِهِمۡ غِشَاوَةٌ ٞ وَّ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿٧﴾ ع ١

(٧) انهن جي دلين ۽ ڪنن تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي (هو نه سمجهندا نه ٻڌندا) ۽ هنن جي اکين تي پردا چڙهي ويا آهن. انهن لاءِ سخت عذاب (تيار ڪيل) آهي.

## رکوع 2

## منافقن جو بيان ۽ سندن محرومي

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّقُوۡلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَمَا هُمۡ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٨﴾ وقف لازم

(٨) ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جي چون ٿا ته اسان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکون ٿا، مگر سچ پچ هو مومن ناهن.

يُخٰدِعُوۡنَ اللّٰهَ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۚ وَمَا يَخۡدَعُوۡنَ اِلَّآ اَنۡفُسَهُمۡ وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ ؕ ﴿٩﴾

(٩) اهي الله کي ۽ ايمان وارن کي ڌوکو ڏيڻ ٿا چاهين پر حقيقتاً هو پاڻ ئي ڌوکي ۾ آهن، اگرچه (ناداني ۽ هٺ سببان ڏسن ۽ سمجهن نٿا.)

فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۙ بِمَا كَانُوۡا يَكۡذِبُوۡنَ ﴿١٠﴾

(١٠) هنن جي دلين ۾ (ڪفر جو) مرض آهي، پوءِ خدا هنن جي مرض کي وڌائي ٿو ۽ هنن تي سخت عذاب ڪيو ويندو چو ته هو ڪوڙ ٿا ڳالهائين.

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ لَا تُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ ۙ قَالُوۡٓا اِنَّمَا نَحۡنُ مُصۡلِحُوۡنَ ﴿١١﴾

(١١) جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو ته ملڪ ۾ بگاڙو ۽ فسادن مچايو (بدعمليون نه ڪيو) تڏهن هو چون ٿا ته اسان ڪم سنوارڻ وارا آهيون.

اَلَآ اِنَّهُمۡ هُمُ الۡمُفۡسِدُوۡنَ وَلٰكِنۡ لَّا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿١٢﴾

(١٢) ياد رکو ته اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي خرابيون پکيڙين ٿا، اگرچه (ناداني سببان) ڏسن ۽ سمجهن نٿا.

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ اٰمِنُوۡا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوۡٓا اَنُؤۡمِنُ كَمَآ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَآ اِنَّهُمۡ هُمُ السُّفَهَآءُ وَلٰكِنۡ لَّا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو ته جيئن ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي تيئن توهان به ايمان آڻيو، تڏهن هو چون ٿا ته ڇا اسان به اهڙيءَ طرح ايمان آڻون، جهڙيءَ طرح هنن بيوقوفن ايمان آندو آهي؟ ياد رکو ته هو پاڻ بيوقوف آهن مگر (ناداني ۽ هٺ سببان) اها ڳالهه نه ٿا ڄاڻن.

وَاِذَا لَقُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَالُوۡٓا اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَوۡا اِلٰى شَيٰطِيۡنِهِمۡ ۙ قَالُوۡٓا اِنَّا مَعَكُمۡ ۙ اِنَّمَا نَحۡنُ مُسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿١٤﴾

(١٤) جڏهن هي ماڻهو انهن ماڻهن سان ملن ٿا جن (حق جي دعوت تي) ايمان آندو آهي تڏهن چون ٿا ته اسان به ايمان آندو آهي، پر جڏهن پنهنجي شيطانن سان اڪيلا ويهن ٿا، تڏهن چون ٿا ته اسان توهان سان شامل آهيون ۽ اسان (هنن وٽ پاڻ کي مومن سڏائي ساڻن) مسخري ٿا ڪريون.

اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) (حقيقتاً) خود هنن سان مسخري ٿي رهي آهي جو الله تعاليٰ کين ڍگهو رسو ڏنو آهي جنهن ڪري پنهنجي سرڪشيءَ ۾ انڌا ٿي هيڏي هوڏي ڀٽڪي رهيا آهن.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) يقين ڪريو ته اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت وڪڻي گمراهي خريد ڪئي آهي. پر نڪي هنن جو سودو فائديمند نڪتو آهي نه ڪي هدايت تي قائم رهيا آهن.

مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَا حَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِيْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) انهن ماڻهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪڙي ماڻهو (رات جي اونداهيءَ ۾ واٽ ڏسڻ لاءِ) باهه ٻاري، پر جڏهن (باهه جي شعلن سان) آسپاس روشني ٿي ويئي تڏهن الله تعاليٰ اها باهه وسائي ڇڏي ۽ روشني هلي ويئي ۽ هنن کي اهڙي اونده ۾ ڦٽو ڪيائين جو ڪجهه به ڏسي نه سگهيا.

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) ٻوڙا گونگا ۽ انڌا ٿي پيا، تنهن ڪري هو (منافقي ۽ ڪفر جي اونده مان) موٽي نٿا سگهن.

اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّرَعْدٌ وَّبَرْقٌ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) يا وري انهن ماڻهن جو مثال آسمان ۾ برسات سان ٻريل ڪڪر وانگر آهي جنهن سان گڏ اونداهيءَ جا تهه، گجگوڙ ۽ ڪوڙ جا تجلا هوندا آهن. اهي منافق (ان وقت برسات جي رحمت کان خوش ٿيڻ جي بدلي) ڪڪرن جي گجگوڙ کان موت جو ڊپ سمجهي ڌهلجي وڃن ٿا ۽ ڪنن ۾ آڱريون وجهن ٿا پر الله تعاليٰ ته (هر حال ۾) ڪافرن کي گهيرو ڪيو بيٺو آهي.

يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ كُلَّمَآ اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ وَاِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٠﴾ ع

(٢٠) بجليءَ جي چمڪ ڏري گهٽ هنن جي بينائي (يعني ڏسڻ جي طاقت) کڻي وڃي ٿي. جڏهن جڏهن اها چمڪ هنن کي روشني ڏئي ٿي تڏهن هو اڳتي هلن ٿا ۽ جڏهن وري اونده ٿي وڃي ٿي تڏهن بيهي ٿا رهن جيڪڏهن خدا چاهي ها ته سندن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي طاقت کسي وٺي ها. بيشڪ الله تعاليٰ کي هر شيءِ تي قدرت آهي ۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي.

## رڪوع 3

**توحيد، خالقيت ۽ ربوبيت. رسالت ۽ وحي. آخرت جي زندگيءَ متعلق دليل**

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) اي انسانؤ! پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو، جنهن اوهان کي خلقيو ۽ انهن کي خلقيو جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن. (انڪري مهربان، رحيم، پالڻهار خالق جي عبادت ۽ فرمانبرداري ڪيو) ته من گناهن کان بچي نيڪيءَ جي راهه وٺو. (۽ دنيا ۽ آخرت جون نعمتون ماڻيو).

الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ
بِنَآءً ۖ وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ
مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ
اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (انهيءَ پالڻهار جي ٻانهپ ڪيو). جنهن اوهانجي لاءِ زمين کي فرش وانگر وڇايو، ۽ آسمان کي ڇت وانگر بلند ڪيو، ۽ جو آسمان مان مينهن وسائي ٿو، جنهن جي وسيلي طرحين طرحين جا ميوا توهانجي کائڻ لاءِ اپاري ٿو. پوءِ (سندس خالقيت، ربوبيت ۽ رحمت ڏسي ڪري) ائين نہ ڪيو جو الله سان ٻين هستين کي بہ شريڪ ڪريو (۽ انهن کي پوڄيو) جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا (تہ خالق ۽ رب فقط، هڪ الله آهي).

وَ اِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا
فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۖ وَادْعُوْا
شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ جيڪڏهن توهان کي هن وحي جي سچائيءَ ۾ شڪ آهي جو اسان پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم) تي نازل ڪيو آهي تہ (ان جو فيصلو آسان آهي، توهان بہ انسان آهيو، وڏيڪ نہ) هڪڙي سورة انهن سورتن جهڙي ٺاهي ڪڍي اچو. ۽ الله کان سواءِ جن کي توهان حمايتي سمجهيو آهي انهن سڀني کي بہ مدد لاءِ سڏي اچو جيڪڏهن توهان پنهنجي خيال کي سچو ٿا سمجهو.

فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ
الَّتِىْ وَ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ ۚۖ اُعِدَّتْ
لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ جيڪڏهن اوهان ائين نہ ڪري سگهو (هڪڙي بہ اهڙي سوره نہ ٺاهي سگهو.) يقيناً ۽ هرگز ٺاهي بہ ڪين سگهندؤ تہ انهي باهہ جي عذاب کان ڊڄو جنهن ۾ انسان ۽ پٿر ٻاريا ويندا، جا باهہ حق جي منڪرن لاءِ تيار آهي.

وَ بَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ
لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ
كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا
الَّذِىْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَ اُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ
لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ وَّ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (پر) جن ماڻهن (انڪار جي بدران) ايمان آندو ۽ ڪم بہ چڱا ڪيائون تن لاءِ (باهہ جي بدران دائمي خوشين جي) باغن جي خوشخبري آهي، جن باغن ۾ نهرون وهي رهيون آهن. جڏهن جڏهن انهن باغن جا ميوا کين کارايا ويندا (يعني بهشتي نعمتن مان ڪابہ نعمت ماڻيندا) تڏهن چئي ڏيندا تہ هي اهائي نعمت آهي جا اڳئي اسان کي ڏني ويئي هئي. ان ڪانسواءِ هنن کي نيڪ ۽ پاڪ ٻيبيون ملنديون ۽ هو هميشہ ان راحت ۽ نعمتن واري باغ ۾ رهندا.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَحْىٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا
بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَ اَمَّا
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ
بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّ يَهْدِىْ بِهٖ
كَثِيْرًا ؕ وَ مَا يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ ۙ

وقف لازم

(٢٦) الله تعاليٰ (انسانن کي سندن فهم مطابق سمجهاڻيون ڏيڻ لاءِ) تمام خسيس شين جهڙوڪ مڇر يا ان کان بہ وڌيڪ خسيس شين جو مثال ڏيڻ کان بہ نٿو پاسو ڪري، پوءِ ايمان وارا (غور ۽ فڪر ڪري) ڄاڻي وٺن ٿا تہ بيشڪ هي اسان جي پالڻهار وٽان حق (سچي، دائمي حقيقت) آيل آهي، پر حق جا منڪر چوندا تہ ڀلا اهڙن مثالن ڏيڻ ۾ الله جو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو. گهڻائي انسان انهن (مثالن) جي ڪري گمراهي ۾ پوندا ۽ گهڻن ئي تي سعادت جي راهہ کُلي پوندي (خدا جو قانون آهي تہ) هو فقط انهن کي گمراهہ ٿو ڪري جيڪي (هدايت جون حدون ٽپي) فاسق ٿي ويا آهن.

الَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

(٢٧) فاسق اهي آهن جيڪي الله جي حڪمن جي تابعداري جو عهد اقرار

مِيْثَاقِهٖ ۪ وَ يَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ
يُّوْصَلَ وَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ اُولٰٓئِكَ
هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٢٧﴾

کري پوءِ ان عهد کي ٽوڙين ٿا، ۽ جن لاڳاپن ڳنڍڻ جو حڪم خدا ڏنو آهي تنکي ختم ڪري ٿا ڇڏين، ۽ (پنهنجي بدعملي ۽ هٺ سان) ملڪ ۾ فساد مچائي ٿا ڏين. اهي ئي نقصان ۽ مصيبتن ۽ بربادي ۾ ڪرندا.

كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ كُنْتُمْ اَمْوَاتًا
فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ
اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) (اي انسانو!) اوهان ڪهڙي طرح الله (۽ ان جي عبادت) ڪان انڪار ڪري ٿا سگهو (ڏسو نتا ته) ڪڏهن توهان موجود ئي ڪونه هئو، هن توهان کي زندگي ڏني، پوءِ توهان کي ماريندو ۽ وري زندگي ڏيندو ۽ آخر سندس حضور ڏانهن موٽندؤ.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۗ
ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ
سَمٰوٰتٍ ؕ وَ هُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٩﴾ ع

(٢٩) (ڏسو) هن ئي (پروردگار) اوهان جي لاءِ زمين جون سڀ شيون پيدا ڪيون آهن (ته انهن کي پنهنجي فائدي لاءِ ڪم آڻيو) پڻ الله تعاليٰ آسمان ڏي متوجه ٿيو ۽ ست آسمان درست ڪيائين (انهن کي حسن ۽ نظام ڏنائين ۽ انهن مان طرحين طرحين جا فائدا اوهان کي ملن ٿا) ۽ هو هر شيءِ جو علم رکي ٿو.

## رڪوع 4

### آدم کي پيدا ڪرڻ ۽ علم سيکارڻ، ملائڪن جو کيس سجدو ڪرڻ.

وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي
الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ
يُّفْسِدُ فِيْهَا وَ يَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَ نَحْنُ
نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَ نُقَدِّسُ لَكَ ؕ قَالَ اِنِّيْٓ
اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ (اي پيغمبر هن حقيقت تي غور ڪر ته) جڏهن تنهنجي پالڻهار فرشتن کي چيو ته مان زمين تي هڪ خليفو پيدا ڪرڻ وارو آهيان. تڏهن فرشتن عرض ڪيو ته ڇا اهڙي هستي پيدا ڪري رهيو آهين جا زمين تي فساد مچائي ۽ خونريزي ڪري. حالانڪ اسان تنهنجي حمد ۽ ثنا ڪندي تنهنجي پاڪائي ۽ قدوسيءَ جو اقرار ٿا ڪريون. الله تعاليٰ فرمايو ته جيڪا حقيقت مان ڄاڻان ٿو تنهن جي خبر توهانکي ناهي.

وَ عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى
الْمَلٰٓئِكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِيْ بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ
كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) (جڏهن آدم پيدا ٿيو) تڏهن الله تعاليٰ کيس سڀني شين جا نالا ۽ حقيقتون سيکاريون، پوءِ اهي شيون ملائڪن جي اڳيان پيش ڪري حڪم ڪيائين ته جيڪڏهن اوهان سچ تي آهيو ته هنن نالا ۽ حقيقتون ته ٻڌايو.

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ
اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٢﴾

(٣٢) فرشتن عرض ڪيو ته اي خدا سڀ پاڪايون ۽ وڏايون تنهنجي لاءِ آهن. اسان ته فقط ايترو ڄاڻون ٿا جيترو تو اسان کي سيکاريو آهي. تون ئي آهين جو علم ۽ حڪمت ۾ ڪامل آهين.

قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۚ فَلَمَّآ
اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ
اِنِّيْٓ اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۙ وَ اَعْلَمُ
مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) (جڏهن فرشتا عاجز ٿيا) تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته اي آدم تون هنن حقيقتن جو بيان ڪر. جڏهن آدم ٻڌائي ويو تڏهن الله تعاليٰ فرمايو ته، ڇا مون توهان کي چيو ڪين هو ته مان زمين ۽ آسمانن جا سڀ ڳجهه ڄاڻان ٿو ۽ جيڪي لڪايو ٿا سو به ڄاڻان ٿو.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَ اسْتَكْبَرَ ٚ وَ كَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ ڏسو اسان ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ آدم جي اڳيان نوڙو. هو جهڪيا ۽ ابليس نہ جهڪيو هن نہ مڃيو ۽ تڪبر ڪيائين ۽ منڪرن منجهان ٿي پيو.

وَ قُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۪ وَ لَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) پوءِ اسان آدم کي چيو تہ تون ۽ تنهنجي زال ٻئي جنت ۾ رهو ۽ ان مان جيئن ۽ جيڪي وڻيو سوڪائو ۽ پيئو پر هن وڻ جي ويجهو بہ نہ لنگهجو. (جيڪڏهن ويجهو لنگهندو تہ) انهن ظالمن مان ٿيندو جي حدون لتاڙي ٿا وڃن.

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۪ وَ قُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾

(٣٦) پوءِ چا ٿيو جوشيطان هنن ۾ وسوسا وجهي هنن جا قدم ترڪائي ڇڏيا (يعني هو ان وڻ کي ويجها ويا ۽ ان جو ميوو چکيائون) ۽ نتيجو هي ٿيو جو بهشتي نعمتن ۽ خوشين واري حالت مان نڪري ويا. پوءِ اسان بہ (سندن نافرماني سبب) کين حڪم ڪيو تہ هيٺ لهو ۽ هتان نڪري وڃو. توهان ۾ هڪڙا ٻين جا دشمن آهن. هاڻي توهان کي زمين تي رهڻو آهي ۽ ڪنهن خاص وقت تائين ان مان فائدو وٺڻو آهي.

فَتَلَقّٰٓى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾

(٣٧) پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان روحاني تعليم ملڻ سان ڪجهہ چڱا ڪلما (چڱيون دعائون وغيره) سکيون (جن جي وسيلي) پوءِ الله تعالىٰ هن جي توبهہ قبول ڪئي. بيشڪ هو بار بار توبهہ قبول ڪندڙ ۽ بي انتها رحمت وارو آهي.

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) اسان حڪم ڪيو تہ هاڻ توهان سڀ (بني آدم) هتان نڪري وڃو ۽ (ياد رکو تہ) جڏهن اسان جي طرفان توهان لاءِ حق جي راهہ کولي وڃي تہ پوءِ (توهان جي لاءِ بہ واٽون آهن) پوءِ جيڪو ڏنل هدايت تي هلندو تنهن لاءِ نڪو هوندو خوف نڪو غم.

وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ ع

(٣٩) پر جيڪي انڪار ڪندا ۽ اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهندا اهي دوزخي جماعت مان هوندا ۽ هميشہ عذاب ۾ رهڻ وارا هوندا.

## رڪوع 5

## بني اسرائيل (يهودين) جي حالت ۽ اسان لاءِ عبرت جا سبق

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَ اِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾

(٤٠) اي بني اسرائيل! منهنجي اها نعمت ياد ڪيو جا مون اوهان تي ڪئي. (اوهان کي دنيا ۾ سرفراز ڪيو) ۽ جيڪو عهد مون سان ڪيو هُيُوَ (تہ تنهنجي هدايتن ۽ حڪمن تي عمل ڪنداسين) سو پاڙيو تہ مان بہ توهان سان ڪيل عهد پاڙيان (اوهان کي ڪاميابي ۽ نعمتون ڏيان) ۽ فقط مون کان ڊڄو (ڇو تہ مون کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي).

وَ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَ لَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ ۠ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۡ وَّ اِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ ان (قرآن) تي ايمان آڻيو جو مون نازل ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ ڪلام (توراة) جي تصديق ٿو ڪري جو توهان وٽ موجود آهي. (توهان کي تہ سڀني کان اڳي قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي ائين نہ ٿئي جو اٽلندو) سڀني کان اول توهان ئي (ان جي سچائي قبول ڪرڻ کان) انڪار ڪيو. متان منهنجون آيتون خسيس قيمت تي (دنيائي خسيس فائدن لاءِ) وڪڻي ڇڏيو. (توهان کي گهرجي تہ) فقط منهنجي فرمانبرداري ڪيو ۽ مون کان ئي ڊڄو.

وَ لَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ تَكْتُمُوا الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ سچ کي ڪوڙسان ڊڪي يا ملائي نہ ڇڏيو، نڪي سچ کي لڪايو جڏهن تہ توهان ڄاڻوبہ ٿا (تہ حقيقت ڇا آهي).

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ الله جي حضور ۾ جهڪڻ وارن سان گڏ توهان بہ نياز جو سر جهڪايو.

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ڇا توهان ٻين ماڻهن کي تہ نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ٿا، پر پاڻ کي وساري ٿا ڇڏيو (تہ توهانجي عملن جو ڪهڙو حال آهي) حالانڪ خدا جو ڪتاب (توراة) پڙهندا رهو ٿا. ڇا (اهڙي صاف ڳالهہ بہ) توهان سمجهي نٿا سگهو؟

وَ اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ وَ اِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ (ڏسو) صبر) ۽ نماز جي وسيلي (پنهنجي سڌاري ۾) مدد وٺو، پرنماز (آرام طلب ماڻهو لاءِ) ڏاڍي ڏکي آهي، نہ انهن لاءِ جيڪي الله جي حضور ۾ نماڻا ۽ جهڪيل آهن.

الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿٤٦﴾ ع

(٤٦) ۽ جيڪي سمجهن ٿا تہ ڪين پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي ۽ آخر سندس حضور ڏانهن موٽڻو آهي.

## رڪوع 6

## بني اسرائيل جي تاريخ ۽ اسان لاءِ عبرت جا سبق

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) اي بني سرائيل! منهنجون نعمتون ياد ڪيو جن سان مون اوهانکي سرفراز ڪيو ۽ دنيا جي قومن تي اوهان کي فضيلت ڏنم.

وَ اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّ لَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ انهيءَ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪوبہ انسان ٻئي جي ڪم نہ اچي سگهندو. (دنيا ۾ ڪيل بڇڙن ڪمن جي نتيجن کان ڪوبہ بچائي ڪونہ سگهندو) نڪي ڪنهن جي سفارش قبول پوندي، نڪي ڪنهن بہ قسم جو عيوضو وٺي ڇڏي ڏنو ويندو، نڪي ڪٿان بہ ڪنهن طرح جي مدد ملندي.

وَ اِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ

(٤٩) ۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن مون اوهان کي فرعون جي خاندان کان جنهن اوهانکي نهايت سخت عذابن ۽ ظلمن ۾ پيڙي ڇڏيو هو،

سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٤٩﴾

چوٽڪارو ڏنو. اهي اوهان جي پٽن کي بي رحميءَ سان کهندا هئا. (تہ اوهان جو نسل ختم ٿئي) ۽ اوهان جي نياڻين کي جيئرو ڇڏيندا هئا (تہ مصري ماڻهن جون ٻانهيون ٿي رهن) ۽ في الحقيقت هن حال ۾ اوهان جي پالڻهار جي طرف کان اوهان لاءِ وڏي آزمائش هئي.

وَ اِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَ اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ (پوءِ اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن (توهان مصر ملڪ مان نڪتؤ ۽ فرعون کي لشڪر سميت غرق ڪري ڇڏيوسين ۽ توهان پاڻ ڏٺو.

وَ اِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰۤى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ (پوءِ اهو واقعو بہ ياد ڪيو جو) جڏهن (سينائي اپٻيٽ ۾) حضرت موسيٰ سان اسان چاليهہ راتين جو واعدو ڪيو هو. (اوهان کان جدا ٿي طور جبل ڏي هليو ويو تہ) اوهان هن جي وڃڻ بعد سندس پرپٺ (مصرين وانگر) ڳابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ اهو وڏو ظلم ڪري ڇڏيوَ (جو حق جي راهہ کان هٽي ويؤ.)

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) پر تڏهن بہ اسان (پنهنجي رحمت سان) هن (وڏي غلطي ۽ گناهہ) بعد بہ اوهان کي معاف ڪيو تہ من الله جي بخشائشن جو قدر ڪيو.

وَ اِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ الْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪيو جو) اسان (چاليهہ راتين جو واعدو پورو ڪيو) ۽ موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ۽ فرقان (حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ واري قوت يا نشانيون ۽ معجزا) عطا فرمايا، انهيءَ لاءِ تہ توهان تي (سعادت ۽ فلاح جي) راهہ کلي پوي.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٥٤﴾

(٥٤) ۽ (وري اهو وقت بہ ياد رکو) جڏهن حضرت موسيٰ (تورات سان طور جبل کان موٽي آيو ۽ اوهان کي ڳابي جي پرستش ۾ گرفتار ڏٺائين). اوهان کي چيائين تہ، اي منهنجي قوم افسوس اوهان ڳابي جي پوڄا ڪرڻ سان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي خالق ڏانهن رجوع ٿيو ۽ (ڳابي جي پوڄا جي بدلي ۾) پنهنجي جانين کي قتل ڪيو. انهيءَ ۾ اوهان جي خالق وٽ اوهان جي لاءِ بهتري آهي، پوءِ اوهان جي توبهہ الله تعاليٰ قبول ڪئي. بيشڪ هو بار بار توبهہ قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) ۽ (اها ڳالهہ بہ ياد ڪيو جو) توهان چيو تہ، اي موسيٰ اسان ڪڏهن بہ توتي يقين نہ رکنداسين، جيستائين الله کي ظاهر ظهورهنن اکين سان ڏسون، پوءِ (اوهان جي انهيءَ گمراهيءَ جي دليريءَ جو نتيجو هي ٿيو جو) توهان کي بجلي ۽ گجگوڙ وڪوڙي ويئي ۽ توهان نهاري رهيا هيؤ.

ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) پوءِ اسان توهان کي اوهان جي موت بعد وري اٿاري کڙو ڪيو تہ جيئن خدا جي نعمتن جي قدر شناسي ڪيو.

وَ ظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ مَا ظَلَمُوْنَا وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝۵۷

(٥٧) ۽ (سينا جي رڻ پٽ ۾ جتي سخت اس هئي ۽ نه هو پاڻي نه پوک اتي) اسان اوهان تي ڪڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ اوهان جي لاءِ من ۽ سلويٰ جي غذا نازل ڪئي سون ۽ چيوسون ته جيڪي پاڪ شيون اسان توهان جي کائڻ لاءِ عطا ڪيون آهن سي مزي سان کائو. (تڏهن به هنن بي شڪري ۽ بد عملي ڪئي). هنن (پنهنجي بي شڪري ۽ بدعمليءَ سان) اسان کي نقصان ڪونه پهچايو، پر پنهنجو ئي نقصان ڪندا رهيا.

وَ اِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّ قُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۵۸

(٥٨) ۽ ياد رکو ته اسان توهان کي حڪم ڪيو ته هن سامهون واري شهر ۾ (فتح ڪري) گهڙي پئو ۽ جيئن وڻيو تيئن مزي سان کائو پيئو ۽ خوش زندگي گذاريو، پر دروازي کان اندر گهڙڻ وقت الله جي حضور ۾ جهڪي وڃو ۽ (توبهه ۽ استغفار جو لفظ حطة حطة چوندا هلجو ته (اي خدا اسان کي گناهن کان پاڪ ڪر، جيڪڏهن ائين ڪندؤ ته) اسان توهان جون خطائون معاف ڪري ڇڏينداسين ۽ (پنهنجي قانون مطابق) نيڪ عمل انسانن جي عملن ۾ برڪت ڏينداسين ۽ انهن جي اجر ۾ واڌارو ڪنداسين.

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ۝۵۹ ع

(٥٩) پر پوءِ ڇا ٿيو جو اوهان مان انهن ماڻهن، جن جي راهه ظلم ۽ شرارت جي راهه هئي، تن خدا جي ٻڌايل ڳالهه بدلائي ٻي ڳالهه ڪئي (عاجزي ۽ بندگي جي بدران غفلت، هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ پئجي ويا) نتيجو هيءُ نڪتو جو اسان ظالمن تي آسمان مان عذاب نازل ڪيو هن ڪري جو هو بي فرماني ڪندا رهيا.

## رڪوع 7

## بني اسرايل جون فرمائشون ۽ نافرمانيون

وَ اِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ۝۶۰

(٦٠) ۽ (اهو واقعو به ياد ڪيو) جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي جي واسطي دعا گهري تڏهن اسان ڪيس حڪم ڪيو ته پنهنجي لٺ سان پهاڙ جي ڇپ کي ڌڪ هڻ حضرت موسيٰ حڪم جي تعميل ڪئي) ته ان ڇپ منجهان ٻارهن چشما ڦٽي نڪتا ۽ سڀني قبيلن ( جيڪي 12 قبيلا هئا) پنهنجو پنهنجو پاڻي ڪڍڻ جو هنڌ معلوم ڪري ورتو. (ان وقت اوهان کي چيو ويو ته) الله تعاليٰ جي رزق مان کائو ۽ پيئو ۽ زمين تي جهڳڙا فساد نه ڪريو.

وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَ قِثَّآئِهَا وَ فُوْمِهَا وَ

(٦١) ۽ (ڏسو) توهان حضرت موسيٰ کي چيو ته، اي موسيٰ اسان رڳو هڪ ئي طعام کائڻ تي صبر نٿا ڪري سگهون. تنهن ڪري پنهنجي پروردگار کان دعا گهر ته اسان جي لاءِ اهي سڀ شيون پيدا ڪري جي زمين مان اپڙنديون آهن، سبزي، ڀاڄيون، ڪڪڙ، دال، بصر، ٿوم وغيره

عَدَسِهَا وَ بَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِیْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِیْ هُوَ خَیْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَ ضُرِبَتْ عَلَیْهِمُ الذِّلَّةُ وَ الْمَسْكَنَةُ ۗ وَ بَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا یَكْفُرُوْنَ بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَ یَقْتُلُوْنَ النَّبِیّٖنَ بِغَیْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا یَعْتَدُوْنَ ۠ ﴿٦١﴾ ع ٧

(جي مصر ۾ سيئي کائيندا هئا). حضرت موسىٰ فرمايو ته، ڇا خير ۽ برڪت واري شيء جي بدران خسيس شيءِ ٿا گهرو. چڱو هتان نڪرو، وڃو شهر جي راهه. اتي اهي سڀ شيون اوهان کي ملنديون جي شوق سان گهريون اٿو. بهرحال هنن تي خواري ۽ نامراديءَ جي مار پئي ۽ خدا جي غضب جا لائق ٿيا. اهي مصيبتون (خواري نامرادي ۽ خدا جو غضب) مٿن ان ڪري ڪڙڪيون جو هو خدا جي آيتن (نشانين) کان انڪار ڪندا هئا ۽ سندس نبين کي ناحق قتل ڪندا هئا. اها (گمراهي ۽ شرارت هنن ۾ انهيءَ ڪري هئي جو فرمانبرداريءَ بدران) هنن ۾ سرڪشي ۽ بغاوت گهر ڪري ويئي هئي ۽ سڀ حدون لتاڙي شتر بي مهار ٿي پيا هئا. (نتيجو ٿيو، ذلت ۽ خدا جو غضب).

## رڪوع 8

### بني اسرائيل جون بدخصلتون، پنهنجي عهد تان ڦري وڃڻ ۽ عذر بهانا ڪرڻ

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِیْنَ هَادُوْا وَ النَّصٰرٰى وَ الصّٰبِـِٕیْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

(٦٢) بيشڪ جن ماڻهن (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم) تي ايمان آندو آهي ۽ اهي جي يهودي آهن، اهي جي نصارا آهن يا صابي آهن (ڪير به هجن ۽ ڪهڙي به جماعت ۾ هجن) پر جنهن به خدا تي، آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تنهن کي (پنهنجي ايمان ۽ چڱن ڪمن جو) اجر پنهنجي پروردگاروٽان ملندو. اهڙن ماڻهن لاءِ ڪنهن به طرح جو نه خوف هوندو ۽ نه وري ڪنهن به قسم جي غمگيني.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِیْثَاقَكُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَاۤ اٰتَیْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِیْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) ۽ (اهو وقت به ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو هو ۽ ان وقت طور جبل جون چوٽيون اوهان جي مٿان بلند ڪيون ويون هيون. (۽ توهان کي چيو ويو هو ته) جيڪو ڪتاب توهان کي ڏنو ويو آهي ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهو ۽ جيڪي ان ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي ان کي هميشه ياد ڪندا رهو انهيءَ لاءِ ته من خدا جي نافرمانيءَ کان بچو.

ثُمَّ تَوَلَّیْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْ لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَیْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِیْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) پر وري به اوهان پنهنجي عهد کان ڦري ويو، پوءِ جيڪڏهن الله تعالىٰ اوهان تي پنهنجو فضل ۽ رحمت نه ڪري ها ته (اوهان جي بدعملين سبب) اوهان هڪدم تباهه ٿي وڃو ها.

وَ لَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِیْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِی السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕیْنَ ۚ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ يقيناً اوهان کي معلوم آهي ته اوهان منجهان جيڪي سبت (يعني موڪل ۽ عبادت جي پاڪ ڏينهن) بابت (خدا جي حڪمن جي) حدن کان لنگهي ويا تن کي اسان چيو ته ذليل ۽ خوار باندرن جهڙا ٿي پئو. (انسانن وٽان ڌڪار ۽ نفرت سان تڙي ڪڍيا ويندو).

فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝٦٦

(٦٦) (تيو بہ ائين) پوءِ اسان انهيءَ حالت کي انهن سيني لاءِ جن جي اڳ اها حالت ٿي ۽ پڻ پوين لاءِ عبرت جو سبق بنايو ۽ متقين جي لاءِ ان ۾ نصيحت ۽ دانائي رکي.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ۝٦٧

(٦٧) ۽ (اهو معاملو بہ ياد ڪريو جو) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ خدا جو حڪم آهي تہ هڪڙو ڍور ذبح ڪيو (هو عمل ڪرڻ بدران اجايا سوال ۽ عذر بهانا ڪرڻ لڳا) چوڻ لڳا تہ تون اسان سان چرچا ٿو ڪرين؟ حضرت موسيٰ فرمايو تہ اعوذبالله (خدا پناهہ ڏئي) انهيءَ ڪان جو (خدا جي حڪمن بابت مسخري ڪري) پاڻ کي جاهل ۽ بيوقوف بنايان.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ۝٦٨

(٦٨) هنن چيو تہ پلا پنهنجي پروردگار کي اسان جي پاران عرض ڪر تہ ڪولي ٻڌائي تہ ڪهڙي قسم جو ڍور ذبح ڪيون. حضرت موسيٰ چيو تہ خدا جو حڪم آهي تہ اهو ڍور نڪي ڪراڙو هجي، نڪي ٻچڙو هجي. درميان عمر وارو هجي، هاڻي تہ پلا حڪم جي تعميل ڪيو. (پر هنن ٻيو سوال ڪڙو ڪيو).

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ۝٦٩

(٦٩) چوڻ لڳا تہ وري پنهنجي پرودگار کي اسان جي لاءِ عرض ڪر تہ ڪولي ٻڌائي تہ ان جو رنگ ڪهڙو هجي. حضرت موسيٰ چيو تہ الله تعاليٰ ٻڌائي ٿو تہ ان جو رنگ پيلو هجي، خوب گهرو پيلو، جو ڏسندڙن جي دل خوش ڪري.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ وَاِنَّآ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ۝٧٠

(٧٠) (موجهارو پيدا ڪرڻ لاءِ) وري چوڻ لڳا تہ پنهنجي رب کي وري بہ اسان جي پاران استدعا ڪر تہ وڌيڪ ڪولي ٻڌائي تہ ڪهڙي قسم جو ڍور قربان ڪجي؟ چو تہ اسان جي لاءِ ڍور مڙيئي ڍورن جهڙا آهن. (تنهن ڪري وڌيڪ تفصيل جي ضرورت آهي). انشاءَ الله اسان پوءِ ضرور سمجهي ونداسين.

قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِى الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ؕ قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝٧١ ع

(٧١) تنهن تي حضرت موسيٰ چيو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اهڙو ڍور هجي جو نہ ڪڏهن هر ۾ جوٽيل هجي ۽ نہ نار ۾ وهايل هجي. پوري طرح صحيح سالم هجي، داغ ۽ عيب کان صاف ۽ پاڪ هجي. پوءِ (عاجز ٿي) چيائون تہ هاڻي پوري پوري ڳالهہ ٻڌائيئ. نيٺ اهو ڍور ذبح ڪيائون، پر ائين ڪرڻ تي هنن جي دل نہ ٿي وري.

## رکوع 9

## بني اسرائيل جون ڪجهہ ٻيون بدخصلتون

وَاِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ۝٧٢

(٧٢) ياد رکو تہ توهان هڪڙو ماڻهو قتل ڪيو، پوءِ ان متعلق پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي تي ڏوهہ ڌرڻ لڳو. پر جيڪا ڳالهہ توهان لڪائڻ پئي گهري سا الله تعاليٰ ضرور ظاهر ڪرڻ وارو هو (۽ انهيءَ عظيم گناه

لاءِ سزا ڏيڻ وارو هو).

فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾

(٧٣) (ٿيو به ائين) اسان حڪم ڏنو ته هن شخص تي (جيڪو سچ پچ خوني هو) خون ٿيل جي گوشت مان ڪجھ ٽڪرو هڻو. (جڏهن ائين ڪيو ويو تڏهن حقيقت معلوم ٿي وئي خوني ليپي ويو) الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح مئلن کي جيئرو ڪري ٿو ۽ اوهان کي پنهنجون (قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون ڏيکاري ٿو، انهيءَ لاءِ ته سمجھ ۽ عقل کم آڻيو.

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ وَ اِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) پوءِ توهان جون دليون (بار بار گناهن ۽ نافرمانين ڪرڻ سبب) سخت ٿي پيون، اهڙيون سخت جهڙو پٿر. نه نه، اجا به وڌيڪ سخت. ڇو ته پٿرن ۾ اهڙا پٿر به آهن جن مان نهرون وهي هلن ٿيون. ڪي وري اهڙيون ڇپون آهن جي ڦاٽي ۽ ٽڪر ٿين پيون ته انهن منجهان پاڻي نڪري ٿو پوي. ڪي ته وري اهڙيون به آهن جي خدا جي خوف کان ڏڪي ڪري پون ٿيون. (پر افسوس اوهان جي دلين تي جن جي اڳيان پٿر جي سختي ڪجھ به نه آهي.) ياد رکو ته الله تعاليٰ اوهان جي عملن به نسبت غافل ناهي (هو اوهان جا عمل ڄاڻي ٿو ۽ اوهان کي سخت عذاب ڏيندو).

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَ قَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) (اي مؤمنو!) اوهان اميد رکو ٿا ڇا ته (هي مديني جا يهودي) اوهان جي ڳالھ مڃي (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تي) ايمان آڻيندا؟ ۽ حالت هيءَ آهي جو هنن مان ڪي الله جو ڪلام ٻڌندا به آهن ۽ ان جو مطلب به سمجهندا آهن، پر تڏهن به ڄاڻي ٻجهي ان جي لفظن ۾ مٽ سٽ ڪري مطلب ئي ڦيرائي ڇڏيندا آهن.

وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚۖ وَ اِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٦﴾

(٧٦) ۽ ڏسو هنن جا حال جڏهن هو ايمان وارن سان ملن ٿا تڏهن چون ٿا ته اسان به ايمان آندو آهي، پر جڏهن اڪيلا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن ٿا تڏهن چون ٿا ته توهان کي خدا جيڪو (تورات) جو علم ڏنو آهي سو هنن (مسلمانن) کي ڇو ٿا ٻڌايو؟ ڇا انهيءَ لاءِ ٿا ٻڌايو ته هو اوهان جي خلاف اوهان جي پروردگار وٽ دليل وٺن؟ (يعني تورات مان ئي توهان جي خلاف دليل پيدا ڪن) ڇا اهڙي ظاهر ڳالھ به نٿا سمجهو؟

اَوَ لَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) (افسوس هنن جي حال تي) ايترو به نه ٿا ڄاڻن ته (معاملو انسانن سان ناهي پر الله سان آهي) ۽ الله ته سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو جيڪي هو لڪائين ٿا سو به ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا سو به ڄاڻي ٿو.

وَ مِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٧٨﴾

(٧٨) ۽ انهن يهودين ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي اڻ پڙهيل آهن ۽ پنهنجي ڪتاب تورات بابت سواءِ پنهنجي خواهشن ۽ اميدن جي ٻيو ڪجھ نٿا ڄاڻن ۽ رڳو پنهنجن وهمن ۽ گمانن سان پرپور آهن.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَ وَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ﴿۷۹﴾

(٧٩) پوءِ ويل آهي انهن جيڪي پنهنجي لاءِ هٿن سان ڪتاب ٺاهي چون ٿا تہ هي خدا وٽان آهي (يعني اهي خدا جا حڪم آهن. حالانڪ پنهنجي مطلبن ۽ فائدن لاءِ ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهين ٿا ان ۾ لکن) اهو انهيءَ لاءِ ڪن ٿا تہ ان جي وسيلي دنيائي فائدن جي خسيس قيمت تي دين کي وڪڻي ڇڏين. پوءِ افسوس آهي انهيءَ تي جيڪي سندن هٿ لکن ٿا. افسوس آهي انهن تي جيڪي هو اهڙيءَ طرح ڪمائن ٿا.

وَ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗۤ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۰﴾

(٨٠) ۽ هي يهودي چون ٿا تہ جهنم جي باه اسان کي ڪڏهن بہ نہ ڇهندي (ڇو تہ اسان ئي خدا جي پياري نجات يافتہ قوم آهيون) جيڪڏهن ڪٽي باه ۾ پئون بہ تہ بہ ٿورن ڳڻيل ڏينهن لاءِ (پوءِ جنت ۾ داخل ٿينداسين. اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ اها ڳالهہ جا چئو ٿا سا (ٻن حالتن کان خالي ناهي يا تہ) توهان خدا کان عهد لکائي ورتو. هاڻي ڪو عهد جي خلاف وڃي نہ سگهندو يا تہ خدا جي باري ۾ اهڙي ڳالهہ چئو ٿا جنهن لاءِ توهان کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي.

بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓـئَتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۸۱﴾

(٨١) هرگز نہ. (جنت ڪنهن خاص گروه جي ميراث ناهي) خدا جو قانون تہ هي آهي تہ جن بہ ماڻهن پنهنجي بدعملين سان برائي ڪمائي ۽ سندن گناهن کي گهيري ورتو سي دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا.

وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع

(٨٢) جن بہ ماڻهن (سچو) ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا. اهي جنتي جماعت ۾ هوندا ۽ هميشہ جنت ۾ رهندا.

## رڪوع 10

## بني اسرائيل جا عظيم ڏوهہ

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ ۟ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ ذِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ قُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَ اَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۸۳﴾

(٨٣) ۽ (وري اهو وقت ياد ڪيو) جڏهن اسان بني اسرائيلن کان عهد ورتو هو تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ بندگي نہ ڪندؤ. ماءُ پيءُ سان احسان (چڱايون) ڪندؤ ۽ پڻ مائٽن يتيمن ۽ مسڪينن سان نيڪيون ۽ مددگاريون ڪندؤ. سڀني انسانن سان تمام سهڻي نموني گفتگو ڪندؤ ۽ نمازقائم ڪندؤ ۽ زڪوات ادا ڪندؤ (ايمان ۽ عمل اهوئي آهي) پر توهان انهيءَ عهد تي قائم نہ رهيو ۽ سواءِ ڪن ٿورن جي. ابتڙ چال هليو ۽ (سچ هي آهي تہ) توهان هدايت کان قطعي منهن موڙي ڇڏيو آهي.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَ لَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿۸۴﴾

(٨٤) ۽ (وري هي بہ ياد ڪيو تہ) اسان توهان کان عهد ورتو هو تہ هڪ ٻئي جو خون نہ وهائيندؤ ۽ نہ پنهنجي ماڻهن کي ملڪ نيڪالي ڏيندؤ. توهان اهو اقرار ڏنو هو ۽ توهان هاڻي بہ اها ڳالهہ قبول ڪيو ٿا (تہ توهان برابر اهو عهد اقرار ڪيو هو.)

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ

(٨٥) پر وري ڏسو تہ سهي تہ اوهان اهي ئي سا ڳيا (جن عهد اقرار ڏنو. هاڻي

تُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ۫ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۭ وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ۭ اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾

ان عهد اقرار جي خلاف) هڪ ٻئي کي قتل ٿا ڪيو ۽ هڪڙي ڌر وارا ظلم ۽ گنهگاري جي ڪم لاءِ ٻئي ۽ مددگاري ڪري ٻيءَ ڌر وارن مان ڪن کي پنهنجي وطن مان نيڪالي ٿا ڏيو. پر وري جڏهن اهي ئي جلا وطن ڪيل ماڻهو (دشمن جي هٿ چڙهي) قيدي ٿي توهان وٽ اچن ٿا ته توهان فديه (عيوضو) ڏيئي انهن کي ڇڏايو ٿا (۽ چئو ٿا ته اسان جي شريعت موجب ائين ڪرڻ ضروري آهي) حالانڪ (جيڪڏهن شريعت تي هلڻ جو اوهان کي اونو آهي ته شريعت موجب) اوهان لاءِ هيءَ ڳالهه به حرام هئي جو اوهان هنن کي جلاوطن ڪيو. (ڇا پنهنجي مطلبن حاصل ڪرڻ لاءِ) ڪتاب جي ڪن ڳالهين تي ايمان آڻيو ٿا ۽ ڪن ڳالهين کان انڪار ٿا ڪيو. پوءِ ٻڌايو ته اوهان مان جن جا افعال اهي آهن تن کي انهن بدافعالن جي بدلي ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڇا حاصل ٿي سگهندو ته دنيا ۾ ذلت ۽ خوري ٿئين ۽ قيامت جي ڏينهن سخت ۾ سخت عذاب ملين ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ اوهان جي عملن کان غافل ناهي (هو ضرور عملن جي جزا ڏيندو).

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۫ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع ١٠

(٨٦) اهي ئي ماڻهو آهن جن آخرت جي زندگي ڏيئي (پاڻ کي برباد ڪري) هن دنيا جي (ذلت جي) زندگي خريد ڪئي آهي هنن جي عذاب ۾ ڪجهه به گهٽتائي نه ڪئي ويندي ۽ نه هنن کي ڪا مدد ملندي.

## رڪوع 11

### يهودين جون ٻيون بدخصلتون ۽ بدعمل، موت کان ويڳاڻائپ

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ۫ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۭ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ۫ وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾

(٨٧) ۽ يقيناً اسان حضرت موسيٰ کي ڪتاب (تورات) ڏنو. حضرت موسيٰ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان رسول موڪلياسين ۽ حضرت عيسيٰ ابن مريم کي (سندن پيغمبري جي سچائي ۽ ثبوت جون) چٽيون نشانيون ڏنيوسين ۽ روح القدس (حضرت جبرائيل يا پاڪ وحي) جي ڪيس تائيد ڏني سين، پر توهان جي هميشه اهائي عادت رهندي ڇا جو جڏهن ڪوبه رسول توهان وٽ اهڙا حڪم کڻي اچي جي توهان جي نفساني خواهشن جي خلاف هجن تڏهن تڏهن توهان تڪبر ڪيو، ڪن کي ڪوڙو ڪوٺيو ته ڪن کي قتل ڪيو.

وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ۭ بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

(٨٨) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته اسان جي دلين تي غلاف (پردو) چڙهيل آهي (ڪا نئين ڳالهه اسان جي دلين تائين ڪين پهچندي اها اعتقاد جي پڪائي ناهي، پر حق کان انڪار ڪرڻ جي تعصب جي لعنت آهي). سو الله تعاليٰ سندن انڪار سبب مٿن لعنت وڌي آهي. تنهن ڪري هو بلڪل نٿا مڃن.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ

(٨٩) جيئن ته جڏهن الله تعاليٰ وٽان هنن وٽ ڪتاب (قرآن) آيو، جنهن

لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ
يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا
جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۡ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ
عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾

انهن جي ڪتاب (تورات) کي سچو ٺهرايو جو وٽن اڳ ۾ ئي موجود هو تڏهن (تورات ۾ حضرت محمد ۽ قرآن مجيد جي پيشنگوئي هوندي ٻه) اگرچه اڳي ان جي وسيلي ڪافرن تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون گهرندا هئا، تڏهن ٻه جڏهن اهو (قرآن مجيد) نازل ٿيو ۽ ان کي سڃاتائون ٻه ته پوءِ ٻه (تڪبر سبب) ان جا منڪر ٿيا، پوءِ اهي ماڻهو جي ڄاڻي ٻجهي حق کان انڪار ڪن تن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي (يعني اهڙن تي فلاح ۽ سعادت جي واٽ ڪڏهن ٻه نه ٿي کلي).

بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ
اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ
عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ
عَلٰى غَضَبٍ ۭ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾

(٩٠) (افسوس هنن جي بدبختيءَ تي!) ڪهڙي نه خسيس قيمت تي هنن پنهنجا روح يعني پاڻ کي وڪٽي ڇڏيو آهي جو الله تعاليٰ جي نازل ڪيل سچائي کان انڪار ٿا ڪن سو ٻه رڳو حسد جي ڪري جو الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان پنهنجي ٻندن مان جيڪو وڻيس ٿو تنهن تي پنهنجو وحي نازل ڪري ٿو. (پوءِ اڳين بدعملين ۽ هنن نئين انڪار سبب) غضب مٿان غضب هنن تي ڪڙڪيو. (خدا جو قانون آهي ته) حق کان انڪار ڪرڻ وارن لاءِ هميشه خوار خراب ڪندڙ عذاب آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا
نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا
وَرَآءَهٗ ۤ وَهُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ۭ
قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ
كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩١﴾

(٩١) ۽ جڏه ڪين چيو وڃي ٿو ته جيڪي خدا نازل ڪيو آهي تنهن تي ايمان آڻيو، تڏهن چون ٿا ته اسان فقط انهيءَ تي ايمان آڻينداسين جو اسان تي نازل ٿيو آهي. ان کان سواءِ جو ڪجھ آهي، تنهن کان هنن کي انڪار آهي، اگرچه اهو خدا جو سچو ڪلام آهي ۽ خود سندن ڪتاب جي تصديق ٿو ڪري. اي منهنجا پيغمبر! تون انهن کي چئو ته (جيڪڏهن توهان فقط تورات کي مڃڻ ٿا چاهيو ته پوءِ انهن نبين کي ڇو نه ٿا مڃيو جن تورات تي عمل ڪرڻ لاءِ توهان کي سمجهايو) ڇو اٿلندو توهان الله جي نبين کي قتل ڪيو؟ جيڪڏهن توهان سچ پچ مؤمن هئو، (يعني توهان کي خود تورات تي ٻه ايمان ۽ عمل ڪونه هو).

وَلَقَدْ جَآءَكُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ ثُمَّ
اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ
ظٰلِمُوْنَ ﴿٩٢﴾

(٩٢) (ان جا مثال ٻڌو) اوهان وٽ حضرت موسيٰ سچائي جي روشن دليلن سان آيو، پوءِ توهان هن جي پرپٺ ڳابو ٺاهي ان جي پوڄا ڪرڻ لڳو ۽ ائين ڪرڻ سان توهان وڏو ظلم ڪري ڇڏيو، (۽ حق کان هٽي ويئو.)

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ
الطُّوْرَ ۭ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ۭ
قَالُوْا سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا ۤ وَاُشْرِبُوْا فِيْ
قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ۭ قُلْ بِئْسَمَا

(٩٣) ۽ (اهو واقعو ٻه ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان عهد ورتو. ان وقت طور جبل جون چوٽيون اوهان جي مٿان بلند ڪيون ويون هيون ته جيڪو ڪتاب توهان کي ڏنو ويو آهي تنهن کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ ان تي عمل ڪيو. توهان (زبان سان ته) چيو ته ٻڌوسين، پر (دل سان چيو ته) نٿا مڃيون. پوءِ ڇا ٿيوجو اوهان جي ڪفر سبب اوهان جي دلين ۾ ڳابي جي پوڄا اثر ڪري ويئي. اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي چئو ته جيڪڏهن توهان

يَأْمُرُكُمْ بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾

جو ايمان اهو آهي ته کهڙي نه برائي آهي، اها جو توهان جو (کوڙو) ايمان اوهان کي ڏسي ٿو.

قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٩٤﴾

(٩٤) (اي پيغمبر! انهن يهودين کي) چئو ته جيڪڏهن آخرت جو گهر (بهشت) خدا وٽان خالص طور توهان جي لاءِ آهي، نه ٻين لاءِ (جيئن توهان دعويٰ ڪيو ٿا) ته پوءِ جيڪڏهن انهيءَ دعويٰ ۾ سچا آهيو ته موت لاءِ خواهش رکو (دنيا جا پوڄاري جو ٿيا آهيو).

وَلَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٥﴾

(٩٥) پر هو هرگز موت جي تمنا نه رکندا جو ته هنن جي هٿن گهڻن ئي گناهن جو سمر اڳواٽ موڪلي ڏنو آهي (سزا کان ڊڄن ٿا، پر مؤمن جيڪي چڱا عمل ڪن ٿا سي موت کان ڪونه ٿا ڊڄن) الله تعاليٰ ظلم ڪرڻ واري کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۚ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ ع ١١ معانقة

(٩٦) نه رڳو ايترو پر توهان ڏسندؤ ته وڌي حياتيءَ لاءِ حرص هنن کي سيني ماڻهن کان وڌيڪ آهي. مشرڪن کان به وڌيڪ حرص اٿن. هنن مان هرهڪ چاهي ٿو ته شال هڪ هزار سال جيئرو هجان پر ڊگهي حياتي هنن کي آخرت جي عذاب کان ڪونه ڇڏائيندي. جيڪي هو ڪن ٿا سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

## رکوع 12

### يهودين بابت وڌيڪ حقيقتون

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾

(٩٧) (اي پيغمبر!) چئو ته جيڪو (مَلَڪ) جبريل سان دشمني رکي ٿو انهيءَ ڪري جو هو الله جي حڪم سان تنهنجي قلب تي وحي نازل ڪري ٿو ۽ اهو وحي تصديق ڪري ٿو انهيءَ صحي جي جو اڳي نازل پيو آهي ۽ مؤمنن جي لاءِ حق جي راه کوليندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهي.

مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾

(٩٨) (پوءِ) جيڪو الله جو ۽ ملائڪن جو ۽ رسولن جو ۽ جبريل ۽ ميڪائيل جو دشمن آهي (يعني وحي جي سلسلي جو مخالف آهي) ته پوءِ الله تعاليٰ به اهڙن حق جي منڪرن جو دوست ناهي.

وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍ بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا الْفٰسِقُوْنَ ﴿٩٩﴾

(٩٩) (اي پيغمبر!) اسان توتي سچائي جا روشن دليل نازل ڪيا آهن ۽ انهن کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگهي، سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي سچائي ۽ نيڪ عملن کي ڇڏي) گمراه ٿي ويا آهن.

اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٠﴾

(١٠٠) جڏهن به هنن يهودين (حق جي تابعداري جو ڪو) عهد ڪيو تڏهن انهن مان ڪنهن نه ڪنهن ٽوليءَ انهيءَ عهد کي اڇلائي ڦٽو ڪيو، حقيقت هيءَ آهي ته هنن مان گهڻا اهڙا آهن جن جون دليون ايمان کان خالي آهن.

وَ لَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۱﴾

(۱۰۱) ۽ جڏهن هنن وٽ الله وٽان هڪڙو رسول انهيءَ ڪتاب (تورات) جي تصديق ڪندي آيو جو وٽن اڳ ۾ موجود هو تڏهن انهن يهودين جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو، تن مان هڪ ٽولي انهيءَ الله جي ڪتاب (تورات) کي پنهنجي پٺئين پاسي اڇلائي ڇڏيو. ڄڻ ته ان کي سڃاڻيندا ئي نه هئا. (حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کي نه مڃڻ تورات کي نه مڃڻ جي برابر هو، ڇو ته تورات ۾ ٻنهي جي سچائيءَ جون پيشنگويون آهن).

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ۭ وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ۭ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ۭ وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ۭ وَلَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ۗ وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ۭ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾

(۱۰۲) ۽ هو ان (جادوءَ) جي پٺيان لڳي پيا جو حضرت سليمان (عليه السلام) جي بادشاهيءَ جي زماني ۾ شيطان (يعني شرير ماڻهو) پڙهندا هئا، پر حضرت سليمان ڪڏهن به اهو ڪفر جو ڪم نه ڪيو (جادو نه سيکاريو) مگر انهن ئي شيطانن جو ڪفر هئو جو ماڻهن کي جادوگريءَ سيکاريندا هئا، نڪي اهو جادو بابل ۾ هاروت ۽ ماروت مَلڪن تي نازل ٿيو هو. حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي به هو سيکاريندا هئا سو هيئن چوڻ کان سواءِ نه سيکاريندا هئا ته يقيناً اسان اوهان جي لاءِ فتنو (آزماش) آهيون. پوءِ توهان ڪفر جو ڪم نه ڪيو، پر تنهن هوندي به ماڻهو شيطانن کان اهڙا ڪم سکندا هئا جن جي وسيلي مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جدائي وجهڻ گهرندا هئا پر هو ڪنهن به انسان کي نقصان پهچائي ڪو نه سگهندا هئا، پر خدا جي حڪم سان هوندئن ئي ڪنهن کي نقصان پهچڻو هوندو ته پوءِ ته پهچندو. ۽ اهي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون سکن ٿا جي هنن کي نقصان ٿيون پهچائين نه فائدو. هنن کي خبر به آهي ته جيڪو به (پنهنجو دين ايمان وڪڻي) جادوگري خريد ڪندو تنهن کي آخرت جي ڀلاين مان ڪجهه به نه ملندو. ڪهڙي نه خراب شيءِ جي واسطي هنن پنهنجون جانيون وڪڻي ڇڏيون. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها.

ع ۱۲ ۱۲ وَلَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ۭ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

(۱۰۳) جيڪڏهن اهي ماڻهو (خدا جي حڪمن تي) ايمان آڻين ها ۽ نافرماني کان بچن ها ته هنن کي الله وٽان بهتر اجر ملي ها. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن هو اها حقيقت ڄاڻن ها!

## رڪوع 13

## بيفائدي بحثن کي ڇڏي معافي ۽ درگذر جو رستو وٺو

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ۭ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾

(۱۰٤) ايمان وارؤ! راعنا (اسان ڏي ڌيان ڏي) جو لفظ ڪم نه آڻيو (جڏهن پيغمبر صلي الله عليه وسلم جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪائڻ چاهيو، ڇو ته اهو لفظ ٻه معنائون ٿو رکي) پر انظرنا (اسان ڏي ڌيان ڪر) چئو ۽ (پوءِ جيڪي پاڻ سڳورا فرمائين سو) خيال سان ٻڌو. اهڙن حق جي منڪرن

ڪي تہ دردناڪ عذاب ملڻو آهي.

مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) اهل ڪتاب مان جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ پڻ عرب ملڪ جا مشرڪ نٿا چاهين تہ تنهنجي رب وٽان توتي خير ۽ برڪت (يعني وحي) نازل ٿئي. پر الله تہ جنهن کي چاهي تنهن کي پنهنجي رحمت لاءِ چونڊي ڪڍي ٿو ۽ الله وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آهي.

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) اسان وحين مان ڪوبہ وحي بدلايون يا وسارائي ٿا ڇڏيون تہ ان کان بهتر يا ان جهڙو نازل ڪيون ٿا. ڇا توهان نٿا ڄاڻو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي؟

اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) توهان نٿا ڄاڻو تہ زمين ۽ آسمانن جي بادشاهت فقط الله تعاليٰ جي آهي ۽ هن کان سواءِ ڪوبہ ڪونهي جو توهان جو دوست ۽ مددگار ٿئي.

اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا سُئِلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) ڇا توهان چاهيو ٿا تہ پنهنجي رسول کان بہ ايئن اجايا سوال پڇو جيئن اڳي حضرت موسيٰ کان يهودين پڇيا هئا. (ياد رکو تہ) جيڪو بہ ايمان جي نعمت حاصل ڪري وري ان جي بدلي ڪفر اختيار ڪندو سو يقيناً سڌي واٽ کان ڀلجي گمراهہ ٿي ويندو (ڪاميابيءَ جي منزل ڪونہ پهچندو.)

وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ كُفَّارًا ۚ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ اَنْفُسِهِمْ مِّنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) (ياد رکو تہ) اهل ڪتاب مان هڪ وڏو تعداد چاهي ٿو تہ اوهان کي ايمان مان ڪڍي، وري ڪفر ۾ موٽائين ۽ اگرچہ حق هنن لاءِ ظاهر ٿي پيو آهي تہ بہ حسد کان ايئن ڪرڻ ٿا گهرن. پوءِ (بي فائده بحثن کي ڇڏي) معافي ۽ درگذر جو رستو وٺو، جيستائين ڪ الله تعاليٰ جو فيصلو ظاهر ٿي وڃي، (يعني حق جي فتح ٿيندي تہ ثابت ٿي ويندو تہ هو باطل تي آهن) بيشڪ الله تعاليٰ هر شيء تي قادر آهي.

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١١٠﴾

(١١٠) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو (ياد رکو تہ) جيڪا بہ چڱاين جي موڙي پنهنجي لاءِ گڏ ڪيو ٿا ان جو چڱو نتيجو الله تعاليٰ وٽ ڏسندؤ، (يعني ايندڙ وقت ۾ انهن جا فائدا ظاهر ٿيندا) جيڪي جيڪي اوهان ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾

(١١١) يهودي چون ٿا تہ جنت ۾ ڪوبہ ماڻهو نہ گهڙندو، جيستائين يهودي نہ ٿيندو. ساڳيءَ طرح عيسائي بہ چون تہ جنت ۾ ڪوبہ نہ ويندو جيستائين عيسائي نہ ٿيندو. (اي منهنجا پيغمبر) اهي هنن جون اجايون خواهشون ۽ اميدون آهن، تون کين چئو تہ جيڪڏهن اوهان جو خيال سچو آهي تہ اها دعويٰ دليلن سان ثابت ڪيو.

بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ

(١١٢) (ائين ناهي تہ جنت فقط هڪ خاص گروه کي ملندي) جنهن بہ خدا

فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۱۱۲﴾ ع ۱۳ ۹ ۱۴

جي اڳيان سر جهڪايو ۽ چڱايون ڪيائين تنهن کي پنهنجي پروردگار وٽان ضرور اجر ملندو. هن کي نڪو ڪو خوف رهندو ۽ نہ غمگيني.

## رڪوع 14

## اهل ڪتاب ۽ مشرڪن جون گمراهيون، سچي حقيقت ڇا آهي؟

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَيْءٍ ۪ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَيْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۱۳﴾

(١١٣) يهودي چون ٿا تہ عيسائين جو دين ڪجھ بہ نہ آهي ۽ عيسائي چون ٿا تہ يهودين وٽ رکيو ڇا آهي. حالانڪ هو ساڳيو ئي ڪتاب پڙهندڙ آهن (۽ اصل دين ٻنهي جو ساڳيو آهي) ساڳي ئي ڳالھ اهي بہ ڪندا آهن جن کي (الاهي ڪتابن جو) علم ڪونهي. (يعني عرب جا مشرڪ ائين ئي چوندا آهن تہ رڳو اسان جو طريقو سچو آهي.) پر قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ هنن جي وچ ۾ جج ٿيندو ۽ جن ڳالهين ۾ اختلاف رکن ٿا تن جو فيصلو ڏيندو.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَاۤ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾

(١١٤) ۽ ڏسو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿو ٿي سگهي جو الله تعاليٰ جي عبادتگاهن ۾ سندس نالو ياد ڪرڻ کان ٻين کي روڪي ٿو، بلڪ ٻين جا عبادتگاھ ڊاهڻ گهري ٿو. يقيناً هو انهيءَ جا لائق ئي ناهن تہ عبادت گاهن ۾ رڳو اندر وڃن، پر تڏهن وڃن جڏهن خدا جو خوف دل ۾ رکن. مٿي بيان ڪيل ظالمن لاءِ هن دنيا ۾ بہ خواري آهي تہ آخرت ۾ بہ تمام سخت عذاب ملندن.

وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۚ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾

(١١٥) مشرق توڙي مغرب يعني ساري دنيا الله جي ئي آهي. پوءِ ڪاڏي بہ منهن ڦيرايو تہ اوڏانهن الله تعاليٰ حاضر ناظر) آهي. بيشڪ الله تعاليٰ هر هنڌ آهي ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي.

وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۱۱۶﴾

(١١٦) ۽ (ڏسو تہ سهي عيسائي) چون ٿا تہ الله تعاليٰ پٽ (عيسيٰ) ڄڻيو. حالانڪ. الله تعاليٰ اهڙين ڳالهين کان پاڪ آهي. (هن کي پٽن جي ڪهڙي ضرورت آهي جڏهن تہ) زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجھ آهي سو سندس قانون ۽ حڪم جا تابعدار آهن.

بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۱۱۷﴾

(١١٧) ۽ (هي بہ خيال ڪيو) تہ الله تعاليٰ تہ زمين ۽ آسمانن جو ناهيندڙ آهي. جڏهن هو ڪنهن بہ ڪم جو فيصلو ڪري وٺي ٿو تہ تڏهن (مددگارن ۽ وسيلن کان سواءِ ئي) هو فقط حڪم ڪري ٿو تہ ٿي پئو تہ پوءِ ائين ٿي (هي شيون ۽ جانور) ظهور ۾ اچي وڃن ٿا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَاۤ اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ

(١١٨) ۽ جيڪي ماڻهو (خدائي ڪتابن جو) علم نٿا رکن سي چون ٿا تہ الله تعاليٰ جو نہ ٿو اسان سان سنئون سڌو ڳالهائي يا ڪا نشاني (معجزو) موڪلي؟ اهي بہ هوبهو اهائي (ٻيهودي) ڳالھ ٿا ڪن جيڪا هنن کان

قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

اڳيان ڪندا هئا. (مذهب جي باري ۾) اڳين ۽ پوين جون دليون هڪ جهڙيون پئي رهيون آهن، سچ هي آهي ته اسان گهڻيون ئي نشانيون ظاهر ڪري ڇڏيون آهن، پر اهي نشانيون انهن لاءِ ڪافي آهن، جيڪي مڃڻ وارا آهن (نه انهن لاءِ جي هرو ڀرو انڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهن جيئن مصري ماڻهن ظاهر ظهور معجزا ڏٺا ته به حضرت موسيٰ کي نه مڃيائون).

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ وَّ لَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۹﴾

(۱۱۹) اي پيغمبر! اسان توکي حق ۽ هدايت جي راه ڏيکارڻ لاءِ موڪليو آهي ۽ انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي (چڱن عملن جي برڪتن جي) خوشخبري ٻڌائين ۽ حق کان انڪار جي بدلي ۾ عذابن به نسبت) خبردار ڪرين. پوءِ جيڪي ماڻهو (انڪار ۽ بدعملن جي ڪري) دوزخي ٿيندا تن به نسبت توتي جوابداري ڪانهي (تنهنجو ڪم آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ).

وَ لَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَ لَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿۱۲۰﴾

وقف منزل

(۱۲۰) (ڇا به ڪرين) اهي يهودي ۽ عيسائي توکان راضي ڪڏهن به نه ٿيندا جيستائين تون هنن جي (هٿرادو ٺاهيل) جماعت جي پيروي ڪرين، هنن کي چئو ته هدايت جي راهه ته اها آهي جا الله تعاليٰ ڏسي آهي ۽ ياد رک ته جيڪڏهن تو هنن جي خواهشن جي پيروي ڪئي اگرچه تو وٽ اڳئي سچو حقيقي علم اچي چڪو آهي ته پوءِ الله تعاليٰ جي دوستي ۽ مددگاري توکي حاصل نه ٿيندي.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ ع

ع ۱۴ ۹ ۱۴

(۱۲۱) جن کي (خدائي) ڪتاب ڏنو ويو آهي ان کي (اخلاص سان ۽ غور ۽ فڪر ڪري حقيقت پروڙڻ لاءِ) ائين پڙهن ٿا جيئن ان کي پڙهڻ گهرجي. اهي پوءِ ضرور ان تي ايمان آڻيندا، پر جيڪڏهن ڪو (سڌي راهه وٺڻ کان) انڪار ڪندو ته پوءِ انهن ئي لاءِ تباهي ۽ نامرادي آهي.

## رڪوع 15

## حضرت ابراهيم ٺنهي دينن جو ڏاڏو آهي، يهودين ۽ عيسائين جي عمل بجاءِ گروهه بندي ڪري هاڻي اسماعيلي قوم کي دنيا جي هدايت لاءِ چونڊيو ويو.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۲۲﴾

(۱۲۲) اي بني اسرائيلو! منهنجون اهي نعمتون ياد ڪيو جي مون اوهان تي ڪيون ۽ مون اوهان کي سڄي دنيا ۾ ممتاز ۽ سرفراز ڪيو.

وَ اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْئًا وَّ لَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾

(۱۲۳) ۽ ڊڄو انهيءَ ڏينهن کان جنهن ڏينهن ڪو به انسان ڪنهن ٻئي انسان کي ڪم نه ايندو (نڪي پنهنجي ڪنهن پيشوا جو نالو وٺي عذاب کان ڇٽي وڃبو) نه ڪنهن طرح جو عيوضو قبول پوندو (يعني فديو ڏئي جان ڪو به ڇڏائي سگهي) نه ڪنهن جي ڪوشش ۽ سفارش فائدو ڏيندي ۽ نه گنهگارن کي ڪٿان به مدد ملندي.

وَ اِذِ ابۡتَلٰۤی اِبۡرٰہٖمَ رَبُّہٗ بِکَلِمٰتٍ فَاَتَمَّہُنَّ ؕ
قَالَ اِنِّیۡ جَاعِلُکَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَ
مِنۡ ذُرِّیَّتِیۡ ؕ قَالَ لَا یَنَالُ عَہۡدِی
الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۱۲۴﴾

(١٢٤) ۽ (اها ڳالھ ياد رکو تہ) جڏھن حضرت ابراھيم کي سندس پروردگار ڪن ڳالھين ۾ آزمايو تڏھن ھو آزمائش ۾ پورو نڪتو. پوءِ الله تعاليٰ کيس فرمايو تہ مان توکي ماڻھن لاءِ امام بنائڻ وارو آھيان (يعني ماڻھو تنھنجي پيروي ڪندا) تڏھن حضرت ابراھيم عرض ڪيو تہ منھنجي اولاد تي بہ اھڙو فضل ٿئي. الله تعاليٰ جواب ۾ فرمايو تہ ھائو، پر جيڪي ظالم ۽ گنھگار ٿيندا تن سان منھنجو عھد لاڳو نہ ٿيندو (رڳو نسل ۽ خاندانائي ڪجھ بہ فائدو نٿي ڏئي.)

وَ اِذۡ جَعَلۡنَا الۡبَیۡتَ مَثَابَۃً لِّلنَّاسِ وَ اَمۡنًا ؕ وَ
اتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰہٖمَ مُصَلًّی ؕ وَ عَہِدۡنَاۤ
اِلٰۤی اِبۡرٰہٖمَ وَ اِسۡمٰعِیۡلَ اَنۡ طَہِّرَا بَیۡتِیَ
لِلطَّآئِفِیۡنَ وَ الۡعٰکِفِیۡنَ وَ الرُّکَّعِ السُّجُوۡدِ ﴿۱۲۵﴾

(١٢٥) ۽ وري ڏسو تہ اسان ھن گھر (ڪعبي) کي ماڻھن جي اچڻ جو مرڪز ۽ امن امان جي جاءِ ڪئي ۽ حڪم ڏنوسين تہ حضرت ابراھيم جي بيھڻ واري جاءِ کي (ھميشہ جي واسطي) نماز پڙھڻ جي جاءِ بنايو وجي ۽ اسان حضرت ابراھيم ۽ حضرت اسماعيل کي حڪم ڪيو تہ ھن منھنجي گھر کي طواف ڪرڻ وارن لاءِ، عبادت لاءِ منجھن رھڻ وارن لاءِ ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن لاءِ پاڪ رکو.

وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰہٖمُ رَبِّ اجۡعَلۡ ہٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا
وَّ ارۡزُقۡ اَہۡلَہٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنۡ اٰمَنَ مِنۡہُمۡ
بِاللّٰہِ وَ الۡیَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ قَالَ وَ مَنۡ کَفَرَ
فَاُمَتِّعُہٗ قَلِیۡلًا ثُمَّ اَضۡطَرُّہٗۤ اِلٰی عَذَابِ
النَّارِ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمَصِیۡرُ ﴿۱۲۶﴾

(١٢٦) ۽ پوءِ ڇا ٿيو جو حضرت ابراھيم دعا گھري تہ اي منھنجا رب تون ھن شھر کي امن امان وارو شھر ڪر ۽ ان جي ماڻھن مان جيڪي الله ۾ ۽ آخرت جي ڏينھن ۾ سچو ايمان رکن تن جي گذران لاءِ ھر طرح جا ميوا وغيره عطا ڪر. تنھن تي خدا جو حڪم آيو تہ ھائو، پر جيڪو ڪفر ڪندو تنھن کي بہ ڪجھ وقت تہ رزق جو فائدو ڏينداسين پر جلد کيس باھ جي عذاب ڏانھن گھليندا سين اھو (دوزخ جو) ھنڌ ڪھڙو نہ مصيبت وارو ھوندو.

وَ اِذۡ یَرۡفَعُ اِبۡرٰہٖمُ الۡقَوَاعِدَ مِنَ الۡبَیۡتِ وَ
اِسۡمٰعِیۡلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلۡ مِنَّا ؕ اِنَّکَ اَنۡتَ
السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ ﴿۱۲۷﴾

(١٢٧) ۽ ھي عظيم واقعو بہ ياد رکو جو حضرت ابراھيم خدا جي گھر جي پيڙھ وجھي رھيو ھو ۽ سندس پٽ حضرت اسماعيل بہ ساڻس شريڪ ھو، (پٽر ڪٽندي ھو دعا گھري رھيا ھئا) اي پروردگار! اسان جي ھيءَ خدمت ۽ عمل قبول پوي. بيشڪ تون دعائن جو ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آھين.

رَبَّنَا وَ اجۡعَلۡنَا مُسۡلِمَیۡنِ لَکَ وَ مِنۡ ذُرِّیَّتِنَاۤ
اُمَّۃً مُّسۡلِمَۃً لَّکَ ۪ وَ اَرِنَا مَنَاسِکَنَا وَ تُبۡ
عَلَیۡنَا ۚ اِنَّکَ اَنۡتَ التَّوَّابُ الرَّحِیۡمُ ﴿۱۲۸﴾

(١٢٨) اي اسان جا پروردگار اسان ٻنھي کي سچو مسلم (تنھنجي حڪمن جو فرمانبردار) ڪر ۽ اسان جي اولاد مان بہ اھڙي امت پيدا ڪر جا تنھنجي حڪمن جي فرمابردار ھجي. اي خدا اسان کي اسان جي عبادت جا طريقا سيکار ۽ اسان جا قصور معاف ڪر. بيشڪ تون ئي وري وري معاف ڪندڙ ۽ بي انتھا رحم وارو آھين.

رَبَّنَا وَ ابۡعَثۡ فِیۡہِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡہُمۡ یَتۡلُوۡا
عَلَیۡہِمۡ اٰیٰتِکَ وَ یُعَلِّمُہُمُ الۡکِتٰبَ وَ الۡحِکۡمَۃَ

(١٢٩) ۽ اي اسان جا پروردگار (پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان) جيڪي ماڻھو (مڪي ۾ اسماعيل جو اولاد) پيدا ٿيندا تن ڏانھن انھن ئي منجھان ھڪڙو رسول موڪلجانءِ جو تنھنجون آيتون ماڻھن کي پڙھي ٻڌائي. الله جو ڪتاب ۽ عقل ۽ دانائيءَ جون ڳالھيون سيکاري ۽ (پنھنجي تربيت

ع ١٥ ٨ ١٥ وَ يُزَكِّيۡهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱۲۹﴾ ع

۽ صحبت سان) هنن جون دليون پاڪ ڪري ڇڏي. اي پروردگار! بيشڪ
تون ئي آهين جو وڏي شان ۽ قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهين.

## رڪوع 16

## حضرت ابراهيم جو دين

وَ مَنۡ يَّرۡغَبُ عَنۡ مِّلَّةِ اِبۡرٰهٖمَ اِلَّا مَنۡ
سَفِهَ نَفۡسَهٗ ؕ وَ لَقَدِ اصۡطَفَيۡنٰهُ فِى الدُّنۡيَا ۚ
وَ اِنَّهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۳۰﴾

(١٣٠) (حضرت ابراهيم جو طريقو اهو هو جو بيان ڪيو ويو) پوءِ ڪير
حضرت ابراهيم جي اهڙي سهڻي دين کان ڦري ويندو؟ سواءِ انهيءَ جي
جنهن پاڻ کي جاهل ۽ پوڪ بنائي ڇڏيو آهي ۽ بيشڪ اسان حضرت
ابراهيم کي دنيا ۾ به چونڊي ممتاز ڪيو ۽ آخرت ۾ به هو صالحن جي
جماعت ۾ هوندو.

اِذۡ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗۤ اَسۡلِمۡ ۙ قَالَ اَسۡلَمۡتُ لِرَبِّ
الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۳۱﴾

(١٣١) ۽ ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم جي پرودگار کيس حڪم ڪيو ته
منهنجي اڳيان سر جهڪائي پورو پورو فرمابردار ٿي وڃ. تڏهن حضرت ابراهيم
هڪدم چئي ڏنو ته مون سڀني جهانن جي پالڻهار اڳيان پنهنجو سر جهڪايو.

وَ وَصّٰى بِهَاۤ اِبۡرٰهٖمُ بَنِيۡهِ وَ يَعۡقُوۡبُ ؕ يٰبَنِىَّ
اِنَّ اللّٰهَ اصۡطَفٰى لَكُمُ الدِّيۡنَ فَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا
وَ اَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۲﴾ ؕ

(١٣٢) حضرت ابراهيم ۽ سندس پوٽي حضرت يعقوب پنهنجي اولاد کي
اهائي ساڳي وصيت ڪئي (ته الله جي اڳيان سر جهڪائي سندس حڪمن
جي فرمانبرداري ڪيو) ته انهن فرمايو ته اي منهنجا فرزندو! الله تعاليٰ
توهان جي لاءِ هيءُ سچو دين (اسلام) پسند فرمايو آهي، پوءِ خبردار متان
اسلامي فرمانبرداري جي حالت ۾ اچڻ کان اڳ ئي مري وڃو.

اَمۡ كُنۡتُمۡ شُهَدَآءَ اِذۡ حَضَرَ يَعۡقُوۡبَ
الۡمَوۡتُ ۙ اِذۡ قَالَ لِبَنِيۡهِ مَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡۢ
بَعۡدِىۡ ؕ قَالُوۡا نَعۡبُدُ اِلٰهَكَ وَ اِلٰهَ اٰبَآئِكَ
اِبۡرٰهٖمَ وَ اِسۡمٰعِيۡلَ وَ اِسۡحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۖۚ وَّ
نَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۳۳﴾

(١٣٣) پوءِ ڇا توهان انهيءَ وقت حاضر هئو، جڏهن موت اچي حضرت
يعقوب جي مٿان بيٺو؟ انهيءَ مهل حضرت يعقوب پنهنجي پٽن کان
پڇيو ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ هنن جواب ڏنو ته اسان
انهيءَ هڪ خدا جي عبادت ڪنداسين جنهن جي تو ڪئي آهي ۽ تنهنجي
وڏن حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق ڪئي آهي ۽
اسان به انهيءَ خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون.

تِلۡكَ اُمَّةٌ قَدۡ خَلَتۡ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتۡ وَ لَكُمۡ
مَّا كَسَبۡتُمۡ ۚ وَ لَا تُسۡـَٔلُوۡنَ عَمَّا كَانُوۡا
يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۳۴﴾

(١٣٤) (بهرحال) اها هڪڙي قوم هئي جا گذر ڪري ويئي، انهن کي
اهوئي پلئه پوندو جيڪي هنن عملن سان ڪمايو ۽ اوهان کي به اهو ئي
پلئه پوندو جيڪي توهان پنهنجي عملن سان ڪمائيندؤ. توهان کان اهو
ڪين پڇيو ويندو ته هنن ڪهڙا عمل ڪيا. (نڪي توهان هنن جي ڪمن
لاءِ جوابدار آهيو، نڪي هو اوهان جي ڪمن لاءِ نڪي هڪ ٻئي کي
قيامت ڏينهن ڇڏائي سگهندؤ).

وَ قَالُوۡا كُوۡنُوۡا هُوۡدًا اَوۡ نَصٰرٰى تَهۡتَدُوۡا ؕ قُلۡ
بَلۡ مِلَّةَ اِبۡرٰهٖمَ حَنِيۡفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ
الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۳۵﴾

(١٣٥) يهودين چيو ته يهودي ٿيو، هدايت وارا ٿيندؤ. پر (اي پيغمبر!) تون
چئي ڏي ته (گروه بندي ۾ ڇا رکيو آهي، اها عالمگير سچائي اختيار ڪيو جا
سڀني نبين سيڪاري) حضرت ابراهيم جي راه اختيار ڪيو. هو الله تعاليٰ
جو سچو ۽ مخلص فرمانبردار ٻانهو هو، شرڪ ڪرڻ وارن منجهان نه هو.

قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَمَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾

(١٣٦) (اي مسلمانو) توهان چئو ته اسان ته الله تي ايمان آندو آهي ۽ قرآن مجيد تي ايمان آندو آهي جو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهيءَ سچي تعليم تي ايمان آندو آهي جا حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق حضرت يعقوب ۽ سندس اولاد تي نازل ٿي. اسان انهن ڪتابن تي به ايمان آندو آهي جي حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ تي نازل ٿيا ۽ انهن سڀني هدايتن تي ايمان آندو آهي، جي ٻين نبين کي سندن پروردگار وٽان مليون. اسان انهن نبين مان ڪنهن به هڪڙي کي جدا نه ٿا ڪيون (جو ان کي نه مڃون ۽ ٻين کي مڃيون. سڀني جي هدايت هڪ ئي هئي ۽ انهيءَ موجب) اسان فقط هڪ خدا جا فرمانبردار ٻانها آهيون.

فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ؕ ﴿١٣٧﴾

(١٣٧) پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو اهڙيءَ طرح ايمان آڻين جهڙيءَ طرح اوهان ايمان آندو آهي ته پوءِ (جهڳڙو ختم). هنن هدايت جي واٽ ورتي، پر جيڪڏهن هو منهن موڙي هٽي وڃن ته پوءِ سمجهو ته هو ضد ڪري مخالف پارٽي ٿا ٿاهين. پر (پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهه) الله تعالىٰ جي مدد توکي هنن جي مخالفتن جي مقابلي ۾ بلڪل ڪافي ٿيندي ۽ هو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۖ وَّنَحْنُ لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾

(١٣٨) اهو آهي الله تعالىٰ جو رنگ ڏيڻ ۽ الله تعالىٰ کان بهتر رنگ ڏيڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ۽ اسان سندس ئي ٻانهپ ڪرڻ وارا آهيون.

قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ۙ ﴿١٣٩﴾

(١٣٩) (اي پيغمبر) تون انهن ماڻهن کي چئي ڏئي ته (اسان جي راهه ته خدا پرستي جي راهه آهي) پوءِ ڇا توهان خدا جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ٿا ڪيو؟ (يعني خدا پرستي جي ئي خلاف آهيو ڇا؟) حالانڪ اسان جو ۽ اوهان جو پروردگار اهوئي آهي. اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل! اسان ته فقط انهيءَ جي بندگي سچائي ۽ اخلاص سان ڪندڙ آهيون.

اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٠﴾

(١٤٠) يا توهان هيئن ٿا چئو ڇا ته حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب ۽ حضرت يعقوب جو اولاد يهودي ۽ نصراني هئا؟ اي پيغمبر تون هنن کان پڇ ته توهان وڌيڪ ڄاڻڻ وارا آهيو يا الله؟ (جيڪڏهن الله تعالىٰ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ته سندس شاهدي اوهان جي خلاف اوهان جي ڪتاب ۾ موجود آهي) پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جو خدا جي شاهدي لڪائي؟ ۽ الله تعالىٰ اوهان جي عملن کان هرگز غافل ناهي. (هو ضرور اوهان کي تباه ڪندو).

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۧ ﴿١٤١﴾

(١٤١) اها به هڪ امت هئي جا گذري چڪي جن لاءِ اهوئي هو جو هنن پنهنجي عملن سان ڪمايو ۽ توهان جي لاءِ اهوئي هوندو جو اوهان پنهنجي عملن سان ڪمائيندؤ. توهان کان هُنن بابت پڇاڻو ڪونه ٿيندو ته هنن جا عمل ڪهڙا هئا؟

١٦ ع ١٢ ١٦